# اُپديشامرت

ست سروپ سوامي ماڌوانند جي
مهراج جن جي اَمولڪ اُپديشن
جو اختصار

قيمت ٠-١٠-٠

انسٽيٽيوٽ آف سنڌالاجي

پرڪاشڪ:- جڳتراءِ ايسرداس شوداساڻي

# ست سنگ ۽ ستگورو

دنيا ۾ ٻه شيون دُرلڀ آهن:

١. ست سنگ ٢. ستگورو

ست سنگ آهي جنهن مان سچو لاڀ ٿئي.

ستگورو آهي: جو سچ جي سکيا ڏئي،
جو سچ ۾ استر ٿاڻي ٻڌاري،
جو دل جي وسايل ڏيئي کي ٻاري،
جو امر جوت جو ديدار ڪرائي.

ستگورو سمان دنيا ۾ ڪو داتار ڪونهي.

اهڙن ستگورن جو ملڻ وڏي ڀاڳ سان ٿيو آهي. اسان کي جڳائي ته اهڙن ستگورن کي آتم سروپ سمجهي منجهائن سچو لاڀ وٺون.

( OM )

# ست سروپ شري سوامی ماڌوانند جی مهراج جن

جي

اپديشن جو اختصار

## ٻهريان ٻارهن اپديش

پرڪاشڪ:-

جڳتراءِ ايسرداس
شوداساڻي

دفعہ ٻهريون ] [ جلد هڪ هزار

سنہ ١٩٤٦ع

قيمت ٠-١٠-٠

پاران ايم ايچ پنهور انسٽيٽيوٽ آف سنڌ اسٽڊيز، ڄامشورو.
Digitized by M. H. Panhwar Institute of Sindh Studies, Jamshoro.

# مهاڳ

پيارا ستگور ڀڳتو،

اها ڳالهه اوهان صاحبن کي نيڪ روشن آهي، ته ست سروپ سوامي ماڌوانند جي مهراج جن، گذريل ڊسمبر ۱۹۴۵ ۽ جنوري ۱۹۴۶ ۾ اسان سنساري جيون جي ٽٽل دلين کي ٺارڻ ۽ سنئين رستي تي لڳائڻ لاءِ حيدرآباد ۾ پڌاريا هئا. ٻه اڍائي مهينا هيرآباد ۾ ستگور ڀڳت رام ٻهادر ڀوڄومل جي گهر ۾ رهي، پنهنجي پوتر مک ۽ اُنهيءَ مان نڪتل واڻيءَ سان، شردالو شش، جگياسن، ننڍي وڏي، ٻار ٻڍي، ڇوڪر ڇوڪريءَ کي پنهنجي پنهنجي ڪرم، ڌرم ۽ نيتيءَ ۾ ٺيڪ رستي قائم رکڻ جي. آدرشي اُپاڪن جيئان، جيڪا سکيا ڏني، تنهن آئي وئي تي اهڙو ته چٽو اثر وڌو، جو سوين صبوح شام وٽن، ڪيترن ٻاهر سندن درشن ڪرڻ ۽ پنهنجي پنهنجي ضرورت سڌ ڪرڻ لاءِ هيرآباد ۾ اچي ڪٺا ٿيندا هئا. من جي مرادن حاصل ڪرڻ ۽ ان جي روڳن کي دور ڪرڻ لاءِ، جيڪي اُپاءَ گورديو ڏسيندا هئا، سي بلڪل لاڀدائڪ ۽ ڦلدائڪ ثابت ٿيا. سندن جوڌپور طرف پڌارڻ تي شردالو شش خواهه جگياسن، جيڪا اداسيتا ۽ مايوسي ڏيکاري، سا اکين اڳيان ڦري رهي آهي. سندن پريم، اُمنگ ۽ اُتساهه نهايت تحسين جوڳا هئا. ستگور ڀڳتن نهالچند ۽ ڌنارام جي

هر روز شام جي وقت واري نماز ڏني، واهو محفل کي بلڪل پورو ۽ پرمر پرپال ڪندي هئي.

نماز ڏنيءَ ڏان پوءِ ڪجهه ڪري روز گورديون جو اپديش ٿيندو هو. انهن جا امولڪ وچن ۽ اپديش قلم بند ڪرڻ لاءِ سنگور پنڊت راءِ بهادر رچهومل صاحب مون کي آگيا ڪئي. سندس اها آگيا اکين تي رکي ۲۴ اپديشن کي قلم بند ڪرڻ پنهنجو مکيه فرض سمجهيم. گورديون جي ڪرپا سان پورين پارهن اپديشن، هن پستڪ جي پورنتا پاڻ ٿي، اوهان صاحبن جي چرنن ۾ رکان ٿو. اميد اٿم ته هيءَ امولڪ وچن سچا، مٺا ۽ انند ڏياڪن جي ڏاکڻ مان لنگهائي، اسين لوڪ پرلوڪ سڦلي ڪرڻ ۾ هر طرح سهي ڪار ٿينداسين.

هن پستڪ جي ارپت ۽ صفائيءَ سنڌي سان ڇپجڻ جي ڪم ۾ گورديون جي جهوني شردالو شش، پاڻ ووچرام حڪومت راءِ آڏواڻيءَ ۽ سندس سعادت مند ۽ نيڪ سيرت فرزند موهن مون کي لاسين جوڳي مدد ڪئي آهي، تنهن لاءِ مان سندن شڪرگذار آهيان.

هن پورنتا پاڻ جي ۵۰۰ جلدن جي ڇپائيءَ ۽ رنگين فوٽن جي شيوا، ساڃهي ست گور پنڊت سنڌورڪي پاڻ ڪئي آهي، جنهن گورديون جي ناهيل پوڳڪ ارڪال سنڌيا لاءِ سورو خرچ، گهڻ طرح پاڻ تي همار ڪيو آهي. جنهن پاونا سان هن هي خرچ

ٻاڻي کي هموار ڪيو آهي، سا ڀاونا ستگورديون جي ڪرپا سان شل پوري ٿئي.

آڌياتمامرت جي ڇهين ڀاڱي جي پورن ۵۰۰ جلدن ۽ ٻوڙن جو خرچ، پوءِ هڪ ست گور ڀڳت ٻاڻي کي هموار ڪيو، جا ڳالهه گورديون جي چرنن ۾ رکي وڃدي.

باقي رهيو آڌياتمامرت جو پهريون ڀاڱو - ٻوڙن ٻاڙهن آڌياتمن جو- تن جي ڇپائڻ وارو شرڌالو ۽ ٻراڳي پرش ۽ گورديون جي ڪرپا سان نڪري پوندو.

نوٽ:- آڌياتمامبران جي ڇهن ڀاڱن ۾ جيڪا آموليڪ سکيا ملي آهي، تن مان ئي جي ويچار ڪجي ته، هيٺيون ڳالهيون پڌري پٽ معلوم ٿينديون:-

١- دنيا روپي رت جي متان، مالڪ مهربان هرهڪ پراڻي آهي، مگر ڇپيل صورت ۾.

٢- انسان جڏهن دنيا ڏانهن ڏسو ٿي، سنڌس شرن ۾ اچي ٿو، تڏهن هو متن مهر جي نظر ڪري ٿو.

٣- هيءَ دنيا ڪرم ڀومي آهي، هرڪو انسان ڪرمن انوسار ڏک سک ڀوڳي ٿو.

٤- ڪرم جو قانون آهي انصاف جو قانون.

٥- جڏهن پراڻي ڪرم ڦل ڏيڻ لاءِ ڪيو ڪشي تڏهن سهڪيهه، صبر ۽ شانت ۾ سهڻي ۽ ڇڏڻي.

ليرا ڪيٿا مهلا لاڳي - نام پدارٿ نانڪ مانگي

ستگورن جي چرنن ۾

جڳت رام ايسرداس شودانانٿي



**Sat Sarup Swami Madhavananji Mahraj**

CHITRA-KALA PRESS, KARACHI.1.

انسٹیٹیوٹ آف سنڌالاجي

# ست سروپ شري سوامي ماڌوانند
# جي مهراج جنجو اپديش

حيدرآباد ۲۹ نومبر ۱۹۴۵

## اپديش نمبر پهريون

جيترا به پراڻي ماڻهن سنسار ۾ رهن ٿا، ان مان هرهڪ پنهنجي پنهنجي سک لاءِ پرتن ڪري ٿو. پلدي مان منش اهو ويچار ڪن ٿا، ته اسانکي سک لاءِ پرتن ڪندي، انيڪ جنم گذري ويا آهن. سک لاءِ هيتري مشاڪت ڪئي اٿئون، ڪاڻ پتوريون اٿئون، سک ڪٿي مليو به آهي، مگر اهو قائم نه ــــ رهيو آهي. گهڙي پل سک نصيب ٿيو نه ٿيو نه ته ٿيو پلو! انهيءَ سک لاءِ اسان جنم ڪان وٺي مرڻ گهڙيءَ تائين، ڪمائين ڪرڻ ۾ وسون ڪين گهٽايون، پر اهو سک مِلڻ سان ئي نشٽ ٿيو وڃي. دوحقيقت دنيوي سک ڪرڻ پنگر آهي. انهي پرانس ٿيڻ لي جهو آتما کي سک ٿئي ٿو ۽ انهي نشٽ ٿيڻ لي جهو آتما کي دک ٿئي ٿو پڻمي انهيءَ سک جي سنجوگ وقت سک ۽ انهيءَ سک جي وڇوڙي وقت دک ٿئي ٿو.

سنساري سک ٽورو ڪي گهٽو، هرڪنهن پراڻيءَ کي، هرڪنهن جنم ۾ جوڙيءَ ۾، سندس پرالبڌ انوسار

نصيب نٿي ٿو. اهو سنساري سک، ڌن، مان، ٻارن، عيش عشرت، ننڊ، آرام وغيره، مان ٿورو ڪي گهڙي، ڪنهن نه ڪنهن وقت هرڪنهن پراڻي ماتر کي ملندو رهي ٿو، مگر اهو ٽڪاءُدار تمام ڪين ٿئي ۽ نه قائم رهي ۽ نڪي گهڻو وقت هلي. انکي قائم رکڻ لاءِ منش ڪهڙو نه پرياتن ڪندو، ته اهو وٽرت وهندس. انهن کي وهوار نٿي ٿو، ته ڇو نه اهڙو سک ڳولي ڪڍجي، جو هميشه لاءِ قائم رهي سگهي.

اڄ ڪلهه جي تعليم، خاص ڪري انگريزي سکيا اهڙي ڏيڻ ۾ اچي ٿي، ته دنيا ۾ اهڙو ڪو به پدارٿ ڪونهي، يا اهڙو ڪو به سک ڪونهي، جو هميشه لاءِ قائم رهي سگهي. اهڙو ٽڪاءُدار سک جڏهين دنيا ۾ آهيئي ڪو به، ته پوءِ اُنلاءِ مٿاڪُٽ ڪرڻ مان فائدو ئي ڪهڙو؟ ٻڌيوان پرش اهڙي ڪوشش ڪري ٿو، ته اهڙو سک هٿ ڪريان، جو هميشه لاءِ قائم رهي سگهي.

هن دنيا ۾ ٽن پرڪارن جا ڏک، پراڻي ماتر پٺيان لڳل آهن:-

١. آڌي ڀوتڪ ٢. آڌي دئيوڪ ٣. آڌي آتمڪ.

انهن ٽن ڏکن کي نورت ڪرڻ لاءِ ۽ اڻٽ سک يا آنند جي پراپت ڪرڻ لاءِ ڪوشش ڪجي، ته سدائين آنند ۾ گذارجي. آنند اهو جو ملڻ بعد ناس نه ٿئي. اهو آنند ڀڳوت ساڪشاتڪار ڪرڻ بنا ملڻ جو نه آهي.

اهڙو آهي، جهڙو ورڻن ڪري نه سگهبو. سنساري سک پائي ڪري اسين سکي گذاريون ٿا ۽ خوشي حاصل ڪريون ٿا. اُن خوشيءَ ۽ آنند ۾ جيڪو سنبنڌ آهي، سو وچار هيٺ آڻڻ گهرجي.

ساڌارڻ ريت جيترو استري پدارٿ مان معمولي ماڻهوءَ کي سک پراپت ٿئي ٿو، انهن کان سوڳڻو راجا کي، انکان سوڳڻو چڪرورتي راجا کي، انکان سوڳڻو يڪشن کي، انکان سوڳڻو گنڌرون کي، انکان سوڳڻو ديوتائن کي، انکان سوڳڻو سک اندر کي، انکان سوڳڻو اگني ديوتا کي، سڀ کان وڌيڪ برهما کي. جو سک پائي اسين آنند ۾ رهون ٿا، انکان سهسرون سک برهما کي آهي. برهما جي ساريءَ عمر جو سک، گيانيءَ جي هڪ ڪن جي سک برابر آهي. اُن مان ثابت ٿيو، ته سچو آنند گيان مان ئي لاڀ ٿيڻو آهي. سک جو ورڻن ته انسان زبان سان ڪري سگهي ٿو، مگر آتم آنند جو سک ورڻن ڪري ڪين سگهبو. هاڻي سوال اُٿي ٿو، ته اهڙو آنند ڪيئن ملي؟

## ست سنگ جو ساڌن

جو ماڻهو آنند جي اڇا رکي ٿو، جنم مرڻ جي بندن کان ڇٽڻ چاهي ٿو، تنهنکي ٻهريون ساڌن ست سنگ جو ڪرڻ گهرجي؛ جيستائين منش ست سنگ نه ڪندو، تيستائين آنند نصيب نه ٿيندس. پدا ست

سڱ جي ڪنهن کي آنند ملي ته ڏاڍو چڱو. پر پنا سڀ
سڱ آنند ملڻ محال آهي. سڀ سڱ ڪرڻ سان منش
جي اندر ۾ آنند پراپت ڪرڻ جي اڇا اُٿي ٿي. واسطو
۾ آنند گهڻو پدارٿ آهي، لهنجي پوري پروڙ انگريزن
کي ڪا نه آهي. انهن اهو دريو وشواس آهي، ته
من جي چنچلتا ته بند ٿيڻ واري نه آهي. جيستائين
هي شرير آهي، ايستائين آنند ملڻ مشڪل آهي؛ آنند
ڪو پدارٿ نه آهي. انهن ان عقيدي موجب انهن
ٿيو، ته گويا اسانجي رشين منين جا گهڙا ڪيل ڪشالا
سڀ وئرٿ ويا ڇا؟ آنند هڪ امولڪ پدارٿ آهي.
انهو سنڌپهه ڪٿي انگريزن کي هوندو، مگر اسانجن
دوپه درشني وارن رشين منين ته انهو انڀو پورن روپ
سان ڪيو آهي. هر ڪنهن انسان کي واسطو ۾ آنند لاء
هرڪو پتن اختيار ڪرڻ گهرجي.

سورج اسانکي ڏسڻ ۾ اچي ٿو، مگر ڇپڙو ڇوري
ته سورج آهيئي ڪين. هنجو اهو عقيدو ڪو ڪوڙو
ڪونه آهي، چاڪاڻ جو ڇپڙو ڏينهن جو ڏسئي ڪين،
لهنجي خيال موجب سورج آهيئي ڪين. اهڙي طرح
انگريز جن ڪڏهن آنند جو مزو چکيو ئي ڪين آهي،
سي ڪيئن چوندا ته آنند ڪو پدارٿ آهي؟ آنند جو
انهنکي انڀو ٿيڻ مها ڪٺن آهي.

ڏينهن ڏينهن ۾ پڻ پڻ پرڪارن جي پڌري جيو
ڪاڻ سورج ڏيکاري آهي. جدا جدا هنڌن ۾ ...

ديوتا جو اثر پڻ انهن پرڪارن جو ٿيو هو. انگريزن جي سندن وديا موجب آمڪ انتيءِ لاءِ اثر پهچي ڪين سگهندو. اهڙي ڪارڻ آهي جو اڄ ڏانهن انگريزن ۾ ڪو گياني پيدا نه ٿيو آهي. ٽالسٽاءِ ۽ مئڪس مولر جهڙا ٿورا ٿورا لوڪ ايشور طرف مائل ٿيا، سي به اوپر جي اثرن ٿيڻ ڪري.

جدا جدا سنتن مهاتمائن کي سورج ڀڳوان پڻ پڻ اثر وجهي ٿو. تنهنڪري سندس مهاتمائن ۾ به فرق ٿيو ٿيو. سورج اسانجي شرير اندر رهي اسان ۾ جدا جدا اثر پيدا ڪري ٿو.

مئڪس مولر جو چوڻ هو ته "اسانجي دماغ جي بناوت هڪ نموني جي آهي، ته پارسي واسين جي دماغ جي بناوت ٻئي نموني جي." ايشوري تتو لاءِ جدا جدا راها آهن. (سورج کي جڙ چيتن ۽ استاور جنگم جو مدار آهي). سورج گويا انهن سڀني جو پراڻ آهي، مگر جدا جدا هنڌن تي سندس جدا جدا اثر آهي.

ويدن جو ٿيڻ ۽ اوتارن جو پيدا ٿيڻ به هندستان ۾ ٿيو. هندستان جي ڌرتين تي به سورج جو جدا جدا اثر ٿئي ٿو.

هيءَ جو اسانجي ديس جي هيءَ حالت ٿي آهي، سا انڪري، جو اسانکي اسانجي گهرجن انوسار سکيا نه ملي آهي. جيستائين اسانجي حالتن ۽ گهرجن پٽاندڙ

اسان کي سکيا نہ ملندي، ايستائين اسان جي ديس جي لوڪ خواہ پرلوڪ اُنتيءَ اڻٽا ۽ وڏا وڌهن پيا پوندا رهندا.

ست سنگ، سچو اهو، جنهن سچن سنتن جو سنگ نصيب ٿئي. انهن جو سنگ سچيءَ دل سان ڪجي ۽ پرشارٿ سان اڀيوگ ڪجي، جنهن سان سهج آنند ماي وڃي. ست سنگ ۾ مليل سکيا تي عمل ڪجي، تہ آنند حاصل ٿئي. سنتن جي سنگ جو ڀسن ۽ پکين تي بہ اثر پئجو وڃي. سچا سنت اهي جي پين دکي انسان کي دکن کان ڇڏائڻ لاءِ هردم تيار رهن. سنت پرشن جي ڪرپا سان هڪ طوطو بہ اري پهر ۾ جنم مرڻ جي چڪر کان آزاد ٿي پيو.

هڪ شهر ۾ اچي سخت وچڙندڙ مرض متون ڪيو. ڪيترا ماڻهو مري ويا. اُن شهر جي راڄا حڪم ڪيو تہ باقي بچيل ماڻهو اسان وٽ آڻيو. ماڻهو تہ ڪونہ لڌا، پر هڪڙا ٻہ طوطا هٿ آيا، جي راڄا وٽ حاضر ڪيا ويا. هڪ طوطو ڪاسائيءَ وٽ رهيو هو، تہ ٻيو مهاتما وٽ. مهاتما وارو طوطو گيتا گيان ڪٿن ڪرڻ لڳو، ڪاسائيءَ وارو طوطو برا لفظ ڪڍڻ لڳو. ان تي ڪاوڙ جي راڄا حڪم ڪيو، تہ انهن بد اخلاق طوطي جي سسي ڌڙ کان ڌار ڪري ڇڏيو. لهون تي گيتا ڪٿن ڪرڻ وارو طوطو راڄا کي وڃڻي ڪرڻ لڳو،

۽ جيئندا قبلا هن طوطي ۾ مهر جي اظهار ڪيو هو. هي
وڻوارو سنگ، دوش ڪري ڦهڙي سڀاءَ جو ٿيو آهي.
هي طوطو ڪنهن سنت مهاتما وٽ رهندو، ۽ سڌري
ويندو. راجا جي ڪميا ڪرڻ لي طوطي جو سڀاءُ ٿيو.
ڀرٿري جو چوڻ آهي ۽ "ڀاڳيءَ جي اولاد سوڀيءَ ۾ ڀوڻ
سان مولي ٿيوي، اوهه جي ڪڙهندڙ اڳيءَ ۾ ٻوڙ سان
سُڪيو وڃي، ڪيلي جي ان لي موليءَ وانگر چاڪي ۽
ڀاڳيءَ جي اولاد ۽ ساڳي. پر سنگ دوش ڪري ٻنهن
ٻن حالتن کي پراپت ڪري ٿي. صلاح پڙي ڳالهه آهي،
۽ جڏهن ڪو آتم گياني ملي وڃي، ۽ ان جو ست
سنگ ڪري آتم گيان جي سکيا وٺي، پهنجي لوڪ
پرلوڪ جي سڌارڻ جو يتن ڪجي.

حيدرآباد ٣٠ نومبر ١٩٤٥

## اُپديش نمبر ٻيون

اگيان وس ٿي هي جيو ڀاڳ کي سکي دکي
سمجهي ٿو. هي اگيان يا پرڪرتي يا مايا انادي آهي
يعني هميشه کان موجود آهي. جيستائين هن جيو کي
گيان نه ٿو ٿئي، تيستائين هو رڄي، لمي ۽ ستي ڳڻن
کان ڇٽي نه ٿو رهي سگهي. جيستائين اگيان آهي
تيستائين اهي ٽيئي گڻ هلاڪ ڪن ٿا. جو انهن کي
گرهڻ ڪري ٿو يا انهن پر آشڪت رهي ٿو، ان کي
اهي ٽيئي گڻ ٻوڙين ٿا. جڏهن انهن کي ڇڏي ٿو

اُن جو ڪارڻ اهو آهي، جو اسٿول شرير جي پوشڻ لاءِ اسٿول پدارٿ کپن ۽ آتمڪ اُنتيءَ لاءِ سوکشم پدارٿ کپن. سوکشم پدارٿ لاءِ مَنش جو چت به سوکشم هجڻ کپي. مَنش جو چت سوکشم سکيا سان اُن ئي سوکشم ٿي سگهندو.

ست سنگ ۽ ابڀياس ڪري، پنهنجي واستو سروپ کي سمجهڻ لاءِ، ڪُسنسڪارن کي هٽائڻ جي ڪوشش نه ڪجي، ته سواءِ لاڀ پراپت ڪيئن ٿيندو؟ اسين آتمڪ بک لاهڻ لاءِ اهڙو منتظر نه ٿا رهون، جهڙو پيٽ بک لاهڻ لاءِ.

پيٽ بک لاهڻ لاءِ روٽي کائڻ جي اڃا هنن ٻن ماڻهن کي نه ٿيندي:-

۱ اهي جن جو پيٽ ڀريل هوندو آهي ۽ بک نه هوندي اٿن.

۲- اهي جي بيمار آهن ۽ بيماريءَ ڪري بک نه ٿي لڳين.

ايشور کي ڄاڻڻ ۽ ايشور جي پوڄن ڪرڻ جي اڃا سڀاويڪ هوندي به، ڪن کي آتمڪ اُنتيءَ جو اونـو نه رهندو آهي، تنهن جو ڪارڻ اهو آهي جو:-

(۱) اُنهن کي گيان حاصل ٿي چڪو آهي ۽ ايشور جو سروپ ڄاڻو اٿن. اُنهن جي آتمڪ بک هميشه لاءِ مٽي ويئي آهي. اهڙا انسان جڏهين مٿاهين درجي تي

ٻڌي وڃون ٿا، تڏهن هو ائين سمجهن ٿا، ته اسان کي دنيا ۾ جيڪي ڪرڻو هو سو اسان ڪيو؛ جيڪي سمجهڻو هو سو اسان سمجهيو. هاڻي اسين پڇاڙيءَ ٻاڻ ۾ اسٽيشن آهيون. اهڙن پرشن کي آءٌ هڪ ڪڏهن ڪين ستائي.

سنساري ماڻهو چون ٿا اسان کي سنسار ۾ رهي جيڪو لاڀ وٺڻو هو، سو اسان ورتو؛ جيڪي اسان کي ڪرڻو هو سو اسان ڪيو. پر وڌيڪ اسان کي ڪجهه ڪرڻو ڪونهي. ڪجهه نه ڪرڻ جو اشارو آتمڪ اُنتيءَ ڏانهن آهي. اهڙن ماڻهن سنسارڪ سک ته حاصل ڪيو، پر پرمارٿ جو ته ڪڻو به ڪين نصيب نه ٿيو.

ستو، رجو ۽ تمو اهي ٽي گڻ سنسار ۾ يا ٻوڙ ڏين ٿا يا موڪش ڏين ٿا. ٻوڙن جي واسنا ڪٽي ٻوڙن ٻوڙڻ بعد ٻوڙن جي چڪ ته به ڪري، ته به اُها واسنا اندر مان وڃڻ جي نه آهي. اُهي واسنائون ٻئي جنم ۾ به قائم رهن ٿيون. اسان کي جنم به واسنائن انوسار ملي ٿو. جڏهن منش کي آتم گيان ٿئي ٿو، تڏهن هن جي بک هميشه لاءِ لهي وڃي ٿي؛ پر جيستائين گيان نه ٿيو آهي، تيستائين شانتي نه ملندي ۽ نه واستوڪ ڪم سماپت ٿيندو.

جن کي آتم گيان ٿئي ٿو، سي جنم مرڻ جي دک کان يا ٻنڌن کان ڇُٽل رهن ٿا. اُنهن جا جنم جنمانترن

جا اثر سڀ اهميت ٿي وڃن ٿا. انهن کي پورن ڪرڻ جي ضرورت ڪانه آهي، ڇاڪاڻ ته انهن پنهنجي آتما کي سڃاڻڻ سان ايشور کي پاتو، جنهنڪري هنن کي ڪرڻو هو سو سڀ هنن ڪيو.

٢- آتمڪ اُنتيءَ لاءِ هڪ بيمار کي ٻه ڪالهه لڳي. هن جي اها هڪ دليل رهي ٿي. بيمار کي جڏهن پاڻ ملو ته تو لڳي، ڪاڏي جي ٻه اڇا نه آئس، ته وري آتمڪ هڪ ڪٿان لڳنديس؟ بيمار جون سڀ واسناؤن اندر دليل رهن ٿيون. بيمار جي سوکم شرير ۾ راڳ، دويش رهي ٿو، وڪار موجود آهي، ڪام ڪروڌ آدڪ دشمن مٿس غالب پيل آهن، سو سڌاري جيڪو اونو ڪيئن ڪندو! راڳ، دويش ٽڪرڻ بعد ٿي سوي سروپ کي ڄاڻڻ جي ڪوشش ڪري سگهجي. مهران جهڙن ستن ۽ سمه پرشن جا اندريان وڪارن جا پردا ٽڪري ويا هئا، تنهن ڪري ايشور کي پورن روپ سان حاصل ڪرڻ کان سواءِ انهن کي آرام نه ٿي آيو.

جيو جي سوبي هڪ آتم اُنتيءَ لاءِ آهي ۽ پر جيستائين سنسار جي سوکم سروپ کي نه ڄاتو ويو آهي، ابتائين پيٽ نه ڀرايو پيٽ نه ڀرايو ته هڪ نه وهندي. هڪ نه ويئي ته وڪار نه هٽندا. وڪار نه هٽيا ته چت شانت ڪٿان ٿيندو، جي چت شانت نه ٿيو، ته سچو آنند ڪيئن پراپت ٿيندو؟ سچو مڪش پوڃن کان سواءِ

وهي سگهي، مگر ٻين ڪان سواءِ نه. ڌرم منش سان ازلي ڪال کان لڳل آهي. جيئن منش جا ٻيا انگ سندس جنم وٽ سان پيدا ٿين ٿا، ايئن ڌرم جو انگ به انسان سان گڏ پيدا ٿئي ٿو. ڌرم ۾ ايشور آدي جهڙي نه آڌيه آتمڪ تتو آهن، سي سڀ اچي وڃن ٿا، جهڙوڪ ايشور ڀڄن، ايشور چنتن، پراڻي مات جي سيوا وغيره.

چور، چوري ڪري پنهنجي سنسارڪ اُنتي ڪري ٿو يا ڌني پرش پاپ ڪرم ڪري ڌن جي اُنتي ڪري ٿو، اها سندس اُنتي ڌرم ۾ اچي ٿي؟ ٻين ڪي نه پرنتو ٿئي ٿي: اها سچي اُنتي نه آهي؟ نه، ڪي اها ايشورڪ اُنتي ڪوٺي سگهجي.

ڌن ڪمائڻ سان جيڪ ملن ٿيو، ته اهڙا پرمارٿڪ اُنتي نه ٿي.

وگهانن وڻي وهار ڪيو، ته جڏهن ڌرم ۽ جنم سان اچي ٿو؛ تڏهن منش ڌرم جو پالن ڇو نه ٿو ڪري؟ انهيءَ وگهان اڻ خيال ٿي پوندا، ته اها آتمڪ اُنتيءَ جي هڪ گهڙي ڪي ازخود نه ٿي لڳي؟ نه ڪي هرهڪ منش ڌرمشت ٿئي ٿو؟ نڪي ڌرم ڏانهن لاڙو ٿئيس ٿو. سبب دوش منش ڪي گهڙي قدر منجهائي وڌو آهي. منش گهڙي پاڳي اگهاڻي آهن. آهي اها ڳالهه محسوس نه ٿا ڪن، نه اسين هن دنيا

۾ ڇو آيا آهيون؟ ڇا ڪرڻ آئون؟ ڇا ڪري رهيا آهيون؟ وغيره. انسان الڪيلو جيو آهي. سڀني سنگ سان پنهنجو واڌارو ڪري سگهي ٿو.

ڌرم انادي آهي. انسان جو بنايل نه آهي. جيڪڏهن ائين نه هجي ها، ته اڌرم ڪندي اندر ۾ ڀپ يا هراس ڇو ٿئي؟ دان پنج ڪرڻ لئي دل ڇيو ڇو ڪري؟ دکي جيو سان همدردي ڏيکارڻ لاءِ دل ڇيو ڇو ڪري؟ سڀ پدارٿ ڪڏهين اسين ٺئي سگهندو؟ ڌرم سڀ آهي ته ڌرم جا انگ به سڀ آهن. جيڪو سڀو پدارٿ موجود آهي، انهن کي ناس ڪري ڪيئن سگهبو؟ پاڻيءَ کي ناس ڪري سگهبو؟ هوا کي ناپود ڪري سگهبو؟ اگنيءَ کي نشٽ يا ناس ڪري سگهبو؟ انهنجي اڻن ۽ نمن کي گهٽ وڌ ڪري سگهبو، مگر اصل انهنجو نالو نشان گم ڪري نه سگهبو. ڌرم به ائين آهي. ايشور به ائين آهي.

ڌرم، ايشور وغيره سوکشم آهن. سوکشم پدارٿ سوکشم بدّيءَ سان ئي ڄاڻي سگهبا.

ايشور جي هستيءَ لاءِ انسان جي اندر ۾ ڪيترا سنڪلپ وڪلپ اٿن ٿا. اهي ڇون ٿا ته ”رام رام چوڻ سان رام ڏسجي ته ڪين ٿو؟ لڏون لڏون ڇئبو ته جيستائين لڏون حلواءِ وٽان آڻي کاڌو نه آهي، تيستائين لڏون جو سواد ۽ ذائقو ڪيئن معلوم ڪبو؟ اهڙيءَ طرح

رام رام چئبو، ۽ جيستائين رام کي ھٿ ڪري انھي دوشن جو ڏانئو نہ ورتو آھي، تيستائين رڳي نالي گھڻ مان ڇا ورندو؟ ڪيترا ماڻھو آھن جي سالن جا سال مالھائون ڦيرائيندا رھيا آھن، ڪيترا سال پاٺ پوڄائون ڪندا رھيا آھن، دان پُن بہ ڪندا رھيا آھن، چڱا ڪم بہ ڪندا رھيا آھن، پر شانتي نصيب نہ ٿي اٿن، ڇاڪاڻ جو انھن گيان حاصل نہ ڪيو آھي، ۽ انھيءَ ڪري سچي شانتي بہ حاصل ڪري نہ سگھيا آھن.

مالھائون ڦيرائيندي، پاٺ پوڄائون ڪندي ورھيہ گذري ويا! پر من شانت نہ ٿيو. وڪارن ھلاڪ ڪري بند نہ ڪيو ۽ پڌي ٿيڻ سان من پڌو نہ ٿيو، تہ سڀ محنتون برباد! پر جي ھڪ مدو ٿي دنيا جا ڦرنا ڦٽا ڪري، رام نام جپبو، تہ من جام اڳندو ۽ شانتي ملندي. من جا پردا دور ڪيا ويندا، من کي وڪارن ڏان روڪبو، آچار، آھار ۽ وھنوار سڌو رکبو تہ ھن جنم ۾ نہ، تہ ٻئي جنم ۾ تہ ضرور ڦل ملندو.

جو ماڻھو چوي تہ رام رام جپڻ، پوڄن ڪرڻ، پاٺ پوڄا ڪرڻ مان ڇا لاڀ ٿيندو، اھو وقت سڀ اجايو وڃائيو آھي. اھڙو ماڻھو اڳياني چئبو يا ناستڪ پڏيءَ وارو چئبو. جڏھن دنيا جون گردشون اھڙن ماڻھن کي چئني طرفن کان اچيو گھيرن، تڏھن اھڙا ناستڪ بہ ايشور جي ھستيءَ کي مجبورن مڃين ٿا ۽ کيس ياد

ڪن ٿا ۽ مدد لاءِ پرارٿنا ڪن ٿا. اهڙن ماڻهن کي سنسارڪ ڳالهين جي خبر نه پوندي آهي. جي سنسارڪ ڳالهين جي پروڙ نه پئي، نه سنسا پئي رهندا ۽ جي سنسا پيا رهيا، ته شانتي ڪيئن اُتپن ٿيندي؟ جي شانتي اُتپن نه ٿي، ته پوءِ سُک ڪيئن ٿيندو ۽ جي پوءِ سُک لڀـ نه ٿي، ته ايشور جو درشن ڪيئن لاڀ ٿيندو؟ جي ايشور جو درشن لاڀ نه ٿيو، ته چوراسي جي چڪر کان ڪيئن ڇٽبو؟

هن دنيا ۾ جڏهن ڪو منش ڪنهن سدانت جو پرچار ڪري ٿو، تڏهن پيا ماڻهو اُن سدانت جي ساراهه ڪري اُن تي هلڻ جي ڪوشش ڪن ٿا. جي اهو سدانت غلط آهي، ته اُن سدانت تي هلندڙ ماڻهو ڌرم کان ڀٽڪي ٿا پون. اهو ئي ڪارڻ آهي، جو اڄ ڪلهه ساري هندستان ۾ جدا جدا ڌرمن جي نڪرڻ ڪري، ماڻهو ڌرم جي سچن اصولن کان اڻ واقف رهن ٿا ۽ هيترا دُشٽ ڪرم ۽ ڪُڪرم وڌي ويا آهن.

ايشور کي چاهڻ جا جدا جدا رستا آهن، مگر اهي رستا سولا نه آهن. دنيوي ماڻهن کي ايشور چاهڻ جو سولو رستو کپي. اها اُنهن جي اڀلاشا اُچتي آهي. انهن نه هر ڪو بيمار ماڻهو چوندو، ته مون کي حڪيم اهڙو کپي، جو مونکي بيماري جلد ڇڏائي. حڪيم ڀلي ڪهڙي به سٺي دوا ڏيندو، مگر بيمار، جي دوا سان گڏ پرهيز

يا ڪري ته ڪهڙو، ته دوا مان فائدو ڪهڙن ٿيندس؟
وڏو مدار آهي بيمار جي سمجهه واسطي جي سنڀال تي،
پرهيز تي ۽ ڪريءَ تي ۽ دوا جي چڱيءَ طرح استعمال
ڪرڻ تي.

سنسار ۾ ڪيترن اهڙا جيو پيا آهن، جن جو چوڻ
آهي، ته اسين جڏهن پيدا ٿيندا آهيون، تڏهن ايشور جو
پڻ ڪندا آهيون. جڏهن اهي پيدا ٿيندا، تڏهن سندن
چلڻ چڪي ويندا، پڻ ڪرڻ جي سامرٿي نه رهندي اٿن،
بيمار ٿيون اچي گهيرينديون، تڏهن اهي اکين مان آنسون
وهائيندا، پڇتاءُ ڪرڻ کي ڪوشيندا، پڇتاءُ ڪندا،
ترلا ترلا ڪندا، موٽ جو پڪو ٿيندا. اَن وقت پڇتاءُ
ڪرڻ مان ڇا ورندو؟ تنهن ڪري هرڪنهن مڙس
کي جڳائي ته هو هاڻي ئي ايشور جي چرڻن ڪـــي
لڳي وڃي.

## اُپديش نمبر ڏهون

حيدرآباد ١ ڊسمبر ١٩٣٥

واڳ دوش آدي وڪارن جي هوندي هوندي،
جيستائين من استر ڪري گهڙي به سولي ۾ سولي
وشيءِ ڌيان ڌري نٿي سگهي، تيستائين اها سمجهه ۾ نه
ويندي. هوڏانهن گهڙي به ڪٺن وشيءِ هوندي، ته
اها جيڪر خيال ڌري نٿي سگهي، ته ضرور سمجهه ۾ ايندي.
جيئن ڪي [illegible] جي آوڙن ڪان چرڻ جو خيال

هوندو، سو ڪيان جيون ۽ سڀ اُهڙيش جيون سڙليون
خواهه ڪئن ڳالهيون ڇڏي لاڪي پڇندو.

جڳهاسو کي، ٻنهي ڪلاڪ واسطي هيٺين ٽن
ڳالهين لي ڌيان ڏيڻ گهرجي:-

(۱) سڀ سنڪ هلندي هڪ ٻئي سان نه ڳالهائجي.

(۲) سڀ سنڪ هلندي مٿن هڪ هنڌ لڳائجي.
هيڏانهن هوڏانهن مٿي کي ڦيرائجي نه.

(۳) سڀ سنڪ هلندي ٻيڙي، پان ۽ شراب آدي
وستو ڪم نه آڻجن.

ڪام ڪروڌ آدي وڪار من لي غالب پيل هوندا،
ته سڀ اُهڙيش ۾ دل نه لڳندي.

سنسارڪ ٻه ۲۴ ڪلاڪن ۾ ته ضرور لڳندي،
پر ايشور کي سڄي ڏينهن ۾ ٻه پل ڪانه لڳندي،
ڇاڪاڻ ته جي جيءَ خوش نه هوندو، ته ڪاڏي پيٽي
جي چاهنا ڪيئن جاڳندي؟

مگر ايشور جي ياد جي ٻه ۲۴ ڪلاڪن ۾ انسان
کي پاڻهي نه لڳندي. ايشوري گيتا يا سڀني شاستري جي
چاهنا، پڻ سنساري سک جي مزو نه ڏيندي. انگريزن
جو چوڻ آهي، ته اها آلمڪ اُتي جي ٻه ڏسڻ ۾ نه
ڪانه ٿي اچي؟ انسان جدا جدا پرڪارن جا ڪم
ڪاريون ڪندو رهي ٿو. ڪم ڪار پڻ هن جي واسط
جو وشمس تنهن يا گڏرڻ هڪ مشڪل مسئلو ٿيو پوي.

انهن سنساري ڪمن جهان انسان کي ٻوڙڻ ڪرڻ ۽ ايهو چوڻ جي اڃا ڇوڻ، ئي ٿئي؟ ٻون ٻنان وهڻ جي ڪانهي چوندا نه ئي وهي. جهڙيءَ طرح بيمار کي ڏاڍي جي بک نه ئي لڳي، تهڙيءَ طرح وڪارن ڪري ۽ من جي وياڪلتا ڪري آتمڪ انتيءَ جي بک مدد ئي وڃي ٿي. سنساري ماڻهو سنسار جا سڀ سک چاهين ٿا. پر ٻڌي وان پرش اڪثر سک يا سچو آنند چاهين ٿا. اُن آنند جـــي پراپتي ست سنگ بنا ٿيڻ محال آهي. سچن سنتن ۽ مها پرشن جي ست سنگ ڪرڻ مان ئي آتمڪ اُنتيءَ ڏانهن وک وڌائي سگهجي. ايهو چوڻ جو خيال وڪارن ڪري مدد ٿئي ٿو يا ڏٺي چڙهي ۽ آتمڪ بک وڪارن جي وڌڻ ڪوڻ ڪري انسان کي نه ٿي لڳي، پر ست سنگ ڪرڻ سان اها بک لڳي ۽ زور وٺي ۽ اڀياس ٿئي ٿي. ست سنگ هڪ ڪامل برڪ آهي. جهڙيون اڻائون وڪيون اهڙيون نصيب ٿينديون. بعدي ڌرم، ارٿ، ڪام ۽ موڪش اهي چارئي پدارٿ ست سنگ مان پراپت ٿين ٿا ۽ سنساري وهنوار به سکيو سهنجو گذري ٿو.

جستائين اندر جو آنند پراپت نه، ٿيو آهي، تيستائين اُن جي حاصل ڪرڻ واري ڪوشش ۾ وسون نه گهٽائجي. هر ڪنهن ڪم جا ٻه ڦل ٿين ٿا:-

١- اواتر ڦل يا سڌي.

۲- واسطو ڦل يا موڪش. اهو آهي پرم ڦل يا گيان. ستسنگ ڪندڙ کي چار ڪِريائون پالن ڪرڻ گهرجن:-

(۱) آتم وشواس پهريون ڏاڪو آهي. ستسنگ ڪندي آتم وشواس يا آتم شرڌا نه ڌارڻ ڪجي، ته ستسنگ مان لاڀ نه ٿيندو. پهرين پاڻ ۾ وشواس رکجي. جهان ۾ ڪوبه ڪم نه آهي جو انسان نه ڪري سگهندو. ست سنگ ۾ جيڪي پڙهجي، تنهن جي عمل ۾ آڻڻ جي پاڻ ۾ شڪتي رکجي. ستسنگ ڪندي آتم وشواس رکڻ ڪري، هن جنم ۾ ڪجهه نه ڪجهه ڦل اوس ملندو.

(۲) انوسنڌان - Research ـ تَو کوجنا. ستسنگ ۾ جيڪي پڙهجي، تنهن جي کوجنا ڪجي. جي پڙهل ڳالهه جي کوجنا نه ڪجي، ته ستسنگ جي پوري پروڙ نه پوندي ۽ نه ڪي اُن لئي پورن وشواس ٿيندو. جي ڪنهن ڳالهه لئي پورن وشواس نه جاڳيو، ته اها جهڙي پڙهي تهڙي نه پڙهي. اُن مان ڪو سچو لاڀ نه ٿيندو. اهوئي ڪارڻ آهي، جو انيڪ ست سنگي در در ڀٽڪندي پڙهندي من کي هڪ هنڌ ٽڪائي نه سگهيا آهن ۽ نه ڪي پڙهيل اُپديش جو عمل ڪري سگهيا آهن. اهو ٿيو جهڙو ستسنگ ڪيو، تهڙو نه ڪيو.

۳- آس جو تياڳ. آس جو ڇڏڻ. دنيا ۾ اهڙا گهڻا ماڻهو پيا آهن، جي پڙهندي هرهڪ ڪم ڪري

پرارٿنا ۾ چڙهن ٿا. انهن ڇو ته ٻاتي جهڙي نصيب
۾ لکيل آهي سو اوس ٿيندو. جهڙي ڀڳوان چاهيندو
سو ٿيندو. ڀڳوان آهي ڪرتا، ڀڳوان آهي اڪرتا. اسان
ماڻهن جي هٿ وس ڇا آهي؟ جهڙي ٿئي ٿو سو
ڀڳوان جي آگيا سان ٿئي ٿو.

ڀلي سڀ ڪجهه ڪري ٿي ۽ ڪجهه به نه ٿي
ڪري. ڀلي گهر ۾ روشني ڪري، پر لڪڻ هواڏي
۽ سنڌس سنهڙي ڪڇهن به شيءِ سان ڪين آهي.
سورج جي سهاري سان سڀڪا شيءِ روشن ٿئي، اُن
ڪري سڀ ڪا شيءِ سج ته به نه ٿي ٻڌي.

چوري ڪرڻ جي پريرنا ڀڳوان نه ٿو ڪري،
جو چوري ڪري سزا به اهو ئي ڀوڳي. گهڻا ڀڳت جن
مصيبت وقت ڇو ته ڀڳوان اسان جي پرارٿنا وٺي رهيو
آهي. مٺش مٺش ڪان پرارٿنا وٺندو آهي، ڀڳوان مٺش
ڪان پرارٿنا ڇو وٺي؟ ڀڳوان جاڻي جاڻهار آهي. هن
کي سڀڪجهه اڳواٽ ئي معلوم آهي، ته پوءِ انسان کي
پرارٿنا وٺڻ لاءِ ڪشٽ ڇو ڏئي؟ ڀڳت جن کي جو
ڪشٽ اچي ٿو، سو سندس اهنڪار دور ڪرڻ لاءِ،
سندس ايمان ڪڍڻ لاءِ؛ ڀڳوان پرارٿنا نه ٿو وٺي پر اسان
جو اهنڪار ٿو دور ڪري. واسطو ڪ شانتي پرارٿنا پوڻ
سان ملندي، سنسار ڪ سک به انهن ڪين ملندو. اسين
آتما کي اڻڳڻي سمجهي ٻاڻ کي تڪليف ۾ آڻيون ٿا.

اڳيان جي ڪري نوڙيءَ کي ڏانگر، سمجهي ٻالڪي وهما آهيون. ٻدارف جهڙو هوي، اهڙو اُن کي ڏسڻ ۾ پرماڻن سان ثابت ڪري ڏيکارجي.

انگريزن جي سراسري عمر ٥٠ ورهيه. اسان هندستانين جي سراسري عمر ٣٠ ورهيه، اها ڇا نصيب جي ناس چئبي ڇا؟

پرارٻڌ آهي اڳئين جنم جي ڪرمن جو ڦل. اڳئين جنم جي ڪرمن ڪري ڪو ٻار ڄمڻ سان انڌو، ڪو ڄمڻ سان لولو لنگڙو ۽ ڪو ڄمڻ سان مضبوط. پر جنم نه هوي ته نصيب يا پرارٻڌ ڪٿان آيو؟ اسين جهڙي پوءِ جنم ۾ ڪري آيا آهيون، تهڙو ڦل هن جنم ۾ ڀوڳيون ٿا. ڪرمن جي گتي نياري آهي. سچ مان ڏسو، جو اهڙا ۽ هوندا، جي هتي جو هتي پنهنجن ڪرمن جو ڦل ڀوڳين ٿا.

پراڻڪ ويڪرمن جو ڦل هروڀرو هتي ڪونه ٿو ملي. جو ماڻهو انياءُ سان پئسا ڪمائي ٿو ڪري، اهي پئسا ڪنهن نه ڪنهن نموني ۾ نشٽ ٿين ٿا. ڪن جو اهو رايو آهي ته سرڪار کي جي ٺڳيو، ته اُن ۾ ڏوهه نه آهي. اها اُنهن جي ڀول غلط آهي. ٺڳي ڪنهن سان به نه ڪجي. جو ماڻهو انياءُ ڪري ٿو، جو ماڻهو اشڀ ڪرم ڪري ٿو، تنهنکي سندس ڪرم جو ڦل اوس ڀوڳڻو پوندو.

تندرستيءَ جي قاعدن تي هلڻ، ۽ تندرستي ڪارائتو ۽ خيالي وڏي ٿيندي. ستسنگ ۾ جيڪي منتر اُچن ٿا، تنهن مطلب آهي، ته هي اڀيوڙ مون تي مهر ڪن، ته مان سڀ ورهيه جيئان، سڀ ورهيه ٻُڌان، سڀ ورهيه منهنجا ڪن تيز رهن، منهنجو اکيون تيز رهن ۽ اُن مان ثابت آهي، ته انسان پنهنجي حياتي گهٽائي وڌائي سگهي ٿو.

حيدرآباد ٣ ڊسمبر ١٩٢٥ع

## اُپديش نمبر چوٿون

سڀني پراڻين لاءِ ست سنگ هڪ ڪلپ برڇ آهي. ست سنگ کان سواءِ جيو کي پورن شانتي نه ٿي ملي. جيڪو منش ست سنگ ۾ وڃي ڪري اُپديش امبرت جو پان نه ڪري، اُن کي ٤ سادنن جو وشيش ڌيان رکڻ کپي. اُپديش امبرت جا چار پٿ يا پرهيزون آهن ۽ اُنهن جي ڪرڻ سان اُپديش مان پورن لاڀ ۽ شانتي ضرور پراپت ٿيندي. اُنهن چئن پرهيزن مان ٽن جو ورنن ٿي چڪو آهي.

جيڪي پڙهجي تنهن تي چڱيءَ طرح ويچار ڪجي. اگر جيڪي چئي رهيو آهي سو ڪيتري قدر ٺيڪ آهي. مون کي اُن تي هلڻ ڪري شانتي ملندي يا نه؟ پڪل اُپديش جي کوجنا ڪجي، ته پرارٿ پدارٿ ڌيان

۽ ايندو. اڄ سنسار ۾ جو هند ڪي ڌرم جا هيترا جدا جدا پنٿ جاري ٿي ويا آهن، انهن جو ڪارڻ اهو آهي، جو ابا ويچار ماڻهو ويا آهن جدا جدا پنٿ اختيار ڪندا. جدا جدا پنٿن ڪري هندن ۽ سنگهن جو تمام هڪ مشڪل ڪم ٿي پيو آهي. مسلمانن ۾ گهڻا فرقا ۽ آهن، ۽ مذهبن سنگهن ارس ئيو وڃي.

پڙهي وارن منش اسان پدارٿ جو لياڳ ڪري ست پدارٿ گرهن ڪن ٿا ۽ شانتيءَ کي پائين ٿا.

اسين پار اواسي جهڪڙهن پهڻو پڙهي کان ڪم ولون، ۽ ڪهتري ۽ جهڪر اتي ڪريون.

هن دنيا ۾ ٽن قسمن جا ماڻهو آهن جهڙوڪ:-

١- پڙهي وارن ٢- وڌوان ٣- چالاڪ.

چالاڪ ماڻهو چالاڪي ڪري ڪر مٺ مڙ مان ڪئي، طرحين طرحين جا حملا هلائي ٿو، ۽ ايا ماڻهو مهمور مٺ اختيار ڪري اُن اي هلن.

سڀ کان اُتم اهو، جو پڙهي هلائي ست پدارٿ جو گرهن ڪري ۽ اُن ست پدارٿ جي گرهن ڪرڻ ۾ ڪوبہ سنڪوچ نہ ڪري. گيتاءِ ارشن جو چوڻ آهي، نہ منش کي ڪنهن ٻہ وستو ۾ با ڳالهہ ۾ ڪو سندپهہ لٿي، نہ هڪدم اپن ٿي چوري، لـ هيءَ ڳالهہ ٺيڪ نہ آهي. ڳالهہ پڙهي اُن اي ويچار ڪري ۽ سچ

ڪرڻ جي ڪوشش ڪري، سڀ احتياط ڪري، اسڪ
تي عمل ڪري.

گهڻا آچاري ۽ اهڙا ٿيا آهن، جن مذهب جو ٻاڻ ۽ پورو مطلب ۽ سمجهيو آهي. انهن پنهنجي همت کي اٽل شرڌا سان هلايو، ۽ انهيءَ شش ۽ اٽل شرڌالو کي انهن ئي هلڻ لڳا.

گرو جنان کي اٽل - چيلا اٽل ۽ اٽل.

هيٺين ٽن پرهيزن جو مٿي ذڪر ڪيل آهي:-

١- آتم وشواس ٢- آتم سنڌان ٣- آلس جو تياڳ.

ٻاڻ کي ڀروسو رکجي، جڏهن پنهنجي اندر وچار ڪجي. پنهنجي اُپديش تي وچار ڪري، انهي عمل ۾ آڻڻ جو قدم کڻجي، پنهنجي اُپديش وچار سان ۽ عمل ۾ ۽ آڻبو، ۽ انهيءَ پڙهڻ يا انهيءَ وچار ڪرڻ کان ڌيان ڏيڻ مان ڪهڙو سود؟ ڪهڙو ڪارڻ آهي جو سالن جا سال سڀ سنگ ڪندي، اندر جو آنند نٿو ملي يا سچي شانتي نصيب نٿي ٿئي؟ انجو ڪارڻ اهو آهي جو سچ ڳهڻو آهي، مگر (منن) ڪرڻ جي ڳالهه ڪا نه آهي. پڙهڻ جا ٽن آهن، عمل جي ڳالهه نه آهي. ٿوري ئي ايمان تي جڏهن ايمان جي ڳالهه اڳئين تي ڪڙي ٿي، ته چيو ته پڙهڻ، جاپ جپڻ، پاٺ پوڄا سڀ ونڊيا اٻوجهه يا گرو ڪريا

لڏهڻ ٿيندي، جڏهن ٻهڪجي ٻاڦ ٿي ٻاڦ ڪريا ڪجي. ڪريا ٽن قسمن جي آهي:

١- ٻهڪجي ٻاڦ ٿيڻ ڪريا ٢- ڳرڻ ڪريا ٣- ڄمڻ ڪريا.

شيشو، چيني ۽ پٿر ٺهيل مٽيءَ مان ٺهيل آهن. سورج ٺهڻ لئي سمان درشٽي ڌاري ٿو، پر انهن ٺهڻ شين ۾ سورج جو اڌ گهٽ وڌ ٿئي ٿو:

اول امبر شيشي لئي، پوءِ چيني لئي ۽ پوءِ پٿر لئي. اهڙيءَ طرح انسان مان ڪن جا هردا شيشي جهڙا، ڪن جا چينيءَ جي ڀرن جهڙا ۽ ڪن جا پٿر جهڙا ٿين ٿا.

جڏهن ٻاڦ لئي ڪريا ڪجي، تڏهن لئي ايمور ب، ڪريا ڪندو. تڏهن شدرو ۽ پٿر تڏهن من آهي. ٻهڪجي ٻاڦ سان ٻلاني ڪجي، لڏهڻ ڳرو جي ۽ ايمور جي ٻلاني پرتڪش ٿيندي. آلس ڇڏيو لڏهڻ سهو دانڊو ٿيندو.

آچرڻ ڪندي ڪمترا وگهن سامهون اچن ٿا جن ۾ مکيه آهي آلس. سهڄ ٿيڻ سان ئي ماڻهو نام جپڻ ئي ٿو ڪري، ٿورو ٿورو آرامي ٿيندي، مٿان صبوح اچڻو اڪاڻ ڪري. سمت سنگ مان سهوي دانڊي ولڻ ۾ ا، آلس وڏو وگهن وجهي ٿو. آلس پرمارٿ ڏان پري رکي ٿو. آلس جو ڪو، ڪمپورو اثر ٿئي. سنساري ڪمن

۾ آلس ڪرڻ ڪري سڀ ڪم اڌورا رهجي وڃن. ستت سنگ ڪيو، پر ستت سنگ ڪمائڻ ۾ آلس ڪيو، ته پرمارٿ به اڌورو رهجي ويندو.

ماڻهو جڏهن ايشور جي سچي يادگيري ڪري ٿو، تڏهن ايشور کس پاڻ اوڏو اچي ٿو. پنا ڪارڻ ايشور به ڪرپا ڪرڻ وارو نه آهي.

"God helps those who help themselves"

ايشور جو چوڻ آهي ته جيڪو مونکي ياد ڪري ٿو، تنهنجي مان منوڪامنا پوري ڪريان ٿو.

ڪيترا ماڻهو سنتن وٽ پرمارٿ لاءِ نه ٿا اچن، پر دنيوي ڪارجن جي سڌ ڪرائڻ جي خيال کان. سائين مان هن بيماريءَ ۾ مبتلا آهيان. اهڙي ڪا ڪرپا ڪريو، جو منهنجو هي شرير جو ڪشٽ دور ٿئي. مون کي اولاد ڪونه ٿو ٿئي. اهڙو ڪو منتر ڏيو، جنهنجي جپڻ سان پٽ سنتان ٿئي. منهنجو پٽ هن هنن عيبن ۾ گرفتار آهي. اهڙي ڪا ڪرپا ڪريو جو هو انهن عيبن کان آجو ٿئي.

سنت به رستي اسي ڏڙي ٿنڀل طرف ڏيکاريندڙ: لڪڙيءَ وانگر، طرف جو ڏس ڏيندا پيا هٿ ڏس ڪندا، نه پاڻ هن پاسي وِک وڌائيندا، نه هيءَ منزل پائيندا. هي رستو وٺي ويندا، نه هٿي پهچندا. پنڌ نه پاڻ کي ئي ڪرڻو آهي. رستي جون لڪيرون نه پاڻ

کي ٿي ڏسڻيون آهن. اسانجي ٻڌران سنت نه ٻڌڻ کان
ڪندا يا اسانجي ٻاران سنت نه اڪيلهون کان ولندا.

سنت تلسيداس جي ڳالهه ٿا ڪن، ته سندس
زماني ۾ ڪيترن ماڻهن جو ديهانت ٿيو. ان ماڻهن جا
مائٽ سنت تلسيداس وٽ ڏرڻو ماري اچي ويٺا، ۽
اُن ڪرپا ڪري هن نوجوان کي جيئرو جاڳندو ڪر.
قدرت الاهي! جو سنت تلسيداس جي آواز يا اڀرور وٽ
قبول ٿيڻي ۽ هو نوجوان اُٿي کڙو ٿيو. بس پوءِ ته
سنت تلسيداس جو ماڻهو سرڻي ٿي ويا. آخر ڪيترس گهڻت
وڏ ڳالهائڻ لڳا.

سنساري ماڻهو اُن سنت کي سچو سمجهن ٿا، جو
ڪين ڪا ڪرامت ڪري ڏيکاري. سچا سنت سنسار
کي اُهن ڏيکارين، ته اسين ڪجهه ڪين آهيون. ڪي
سنت ڏن ڪئي ڪرڻ وقت ماڻهن کي چون، ته ٻابا
اسانکي پيسي جي پرواهه ڪانه آهي. اسان ته توهانجي
پريکيا وٺڻ لاءِ پيسي جي طلب ڪئي. اهڙا سنت گويا
گدڙ وانگر شينهن جي کل پائي، شينهن جي ڪار ۾ اچي
وڃن ۽ شڪار سهوليت سان هٿ ڪري سگهن.

سنتن جي رهڻي سهڻي طرح اهي سمجهن ٿا، جن
جي پڙهي سوکم آهي. سنتن جي ورڪس ررلي ۽ مان
سنتن جي اوري پروڙ پوي. اهڙن سنتن جي پڇاڙي
اڀاس ڪرڻ سان، سڏ پون پراپت ٿين ۽ اندر ۾ شانتي

ٿو، ۽ ڪوڙي لٽي سان، ۽ لالچ اڃ ٻُر سان، ايترو راضي
ٿئي ٿو. هن رت عقل جي جاءِ نه آهي، پر سڀني ٻاهرام
جي ڳورج آهي. ڏاڍو وڏو آهي شوله، گهڻي واري انسان
کي ٻچڙان ڪڏهن ڪين راضي ٿئي. سڀا سمجهه ڪريا
ڪرڻ لاءِ لهار آهن، پر جڏهن اڌ ڪاري ٿيو اڏهن هندهوي
ڪريا مان ماندو ٿيندو.

سمجهه سنگ، ۾ اچي پنهنجي ٻاڪ لي ڪريا ڪجهي.
آپ چڱن ڪري. جهڪي اسڏي، سو سوڏي سچ،
ڏسي، ۽ اتني هلي ٻا اتني عمل ڪري، عجب اندر
جا ڪلهي.

هيمڪ ڏيکارهل چڱن ٿي پرهيزن ڪرڻ ڪري،
انتهه ڪرڻ شڪ ٿيندو. انتهه ڪرڻ شڪ ٿيندو، اڏهن
اندر ۾ انهور جو پرڪاش نظر چڙهندو ۽ انهو دوشن
لاڀ ٿيندو.

جهڙن جهڙن وڪار ڇڏيا وڃجا، اهڙن اهڙن اســدر
جي سوجهي وڌندي رهندي. جڏهن منش جي اندر
وڪار هوندا، ان کي ٻهن ڪرڻ يا نام جپڻ جي اچا
اٿي نه ٿيندي.

اپڪانس ۾ رهڻي اهڙ رهڻ ڪجي، ۽ منهجهي اندر
ڪهڙا ڪهڙا وڪار آهن. انهن وڪارن کي هڪ هڪ
ڪري اندر مان ڪڍندو رهجي.

## هزار ڪٽي هڪ رٽي

آتم شرڌا ۽ آتم بل ۾ وڏي طاقت آهي. آتم وشواس Will Power سان سڀ بيماريون ڇڏائي ٿيون سگهن.

آمريڪا ۾ ڪيتريون اسپتالون آهن، جن ۾ آتم بل Will Power سان ڪيترن بيمارن کي چاڪ چڱو ڀلو ۽ اڳئين کان ٻيڻو ڪري ڇڏين ٿا. بيمار ماڻهو جيترو بيماريءَ جو ويچار ۽ چنتن ڪندو، اوترو هو بيمار گذاريندو.

گهر ۾ جيڪڏهن هرڪنهن ديوار تي سنتن، مهاتمائن ۽ اوتارن جا فوٽا ٽنگيل هوندا، ته انهن کي وقت ب وقت گهر جو ننڍو وڏو ڀاتي ڏسي، ڌرمي خيال ڌاريندو رهندو.

هي عاليشان عمارتون، مندر ۽ مسجدون، وغيره، اول من ۾ اٿيا ۽ پوءِ اسٿول سروپ ورتائون.

What man has done, man can do.

پرشارٿ ۽ پرشرم سان غريبن جا ٻار وڏن وڏن درجن کي وڃي پهتا، اهڙا مثال ڳوليا ته، سوين نظر چڙهندا.

هڪ غريب جي ٻار چين جي وزير ٿيڻ جي چاهنا ۽ ڀاونا ڪئي. ان چاهنا کي عملي جامو پهرائڻ لاءِ رات ڏينهن لڳاتار يتن ڪندو رهيو. آخر اهڙو سندس

من جون مرادون پوريون ڪرون. هڪي اچا شڪتي ضرور ڪامياب ٿيندي، اُن ۾ ڪو شڪ ڪو شبهو آهي.

حيدرآباد ٣ ڊسمبر ١٩٤٥

## اپديش نمبر پنجون

ستيه سنگهه هڪ پرڪار جو رٿ آهي. ان رٿ جي اندر توهين واهي وڃو. ان رٿ ۾ جيڪڏهن توهين هنڌان چار گهوڙا جوٽيندا، ته اهو رٿ توهانکي ڪهان مندر ۾ نه ٿي پهچائيندو. ڪهان مندر ۾ پهچڻ سان، ان رٿ جي گتي سماپت ٿيندي: رٿ ۾ جوٽڻ وارا چار گهوڙا آهن:-

١- آتم شرڌا يا آتم وشواس ٢- انو سنڌان ٣- آلس جو تياڳ ٤- آچرن.

اهي چارئي گهوڙا توهانکي شانتيءَ جي ساگر ۾ وٺي ويندا، جنهن ساگر ۾ اشنان ڪندي توهانکي دائمي شانتي پراپت ٿيندي. ستيه سنگهه ۾ اچي فقط ستيه اسيت جو وچار ڪريو، پر جيڪڏهن ستيه معلوم ڪرڻ بعد به انتي عمل نه ڪيو ۽ اسيت تي پيو هلبو، ته جهڙو ستيه سنگهه ڪيو تهڙو نه ڪيو. وري ستيه تي عمل ڪندي به آلس اچي گهيرڻ، ته ڪٿي ڪمائي ڪٽ ٿي ويندي. تنهنڪري هرڪنهن جگياسوءَ کي جڳائي، ته ستيه سنگهه ۾ حاصل ڪيل ستيه سنسڪارن

ئي هلندو هلي. انهن نه ڪري، جو اورو وقت
سنسڪارن جو عمل ڪري ۽ پوءِ انهن تي عمل ڪرڻ
نه آلس ڪري. سڀ ستسنگين مان ٩٠ سيڪڙو اهڙا
ملندا، جن جي اندر آلس ايندي ويرتي ڪانه ڪري.
جن جي اندر آلس کي جاءِ نه ملندي هوندي، ان ۾
آتم شرڌا ضرور موجود هوندي. ڪي ستسنگي اهڙا
به هوندا، جن تي آلس جو اثر نه پوندو هوندو، جي
پڌل ڳالهين تي عمل به ڪندڙ هوندا، اڀياس به ڪندڙ
هوندا، پر اڀياس کي تور تائين نباهڻ ۾ گسي پوندا هوندا.
جي جنهن ۾ اهڙي ڪمزوري ڪجهه وقت تائين قائم ٿي
ويٺي، ته سندس رٿ جا سيئي گهوڙا ٽڪجي پوندا
۽ رٿ اڳتي هلڻ کان صفا اٽڪي ويندو.

گيان مڪان جا به مٿي ذڪر ڪيل چار ٿنڀا آهن.
انهن مان جيڪڏهن هڪڙو ٿنڀو ڪمزور ٿيو، ته
ساري مڪان ونرت ۽ برباد ٿي ويندي. آتم وشواس
بسبب گهٽ ٿي ڪجهه ڇڏي سگهجي ٿو، مگر هتي
ابترو چرڻ ضروري آهي، ته آتم وشواس سان لتو جي
برابتي ٿي ويندي. منش اڀياس ڪندي ڪندي اهڙڪ
وگهن جي ور چڙهي ٿو ۽ انهن وگهن جي ور چڙهي
بهچبو وڃڻ جو اڀياس ڇڏي ڏئي ۽ ٿهل ٽڪيل ڪم
کي ناهيو وجهي. سڀني وگهن ۾ خراب وگهن
آهي آلس. آلس ڪري منش اڀياس ڪري نه ٿو

سکھي. ۽ ايماس نہ ڪرڻ ڪري چوي ٿو، تہ منھنجي نصيب ۾ انھن ھوا! اھڙيءَ طرح آلس جي وس ٿي ڪري، ڪيترا ماڻھو نہ رڳو پنھنجو ايماس ڇڏيو ڏين، پر پنھنجا دنيوي ڪم بہ چڱيءَ طرح نہ ڪن ۽ چون تہ ڀانءِ ڇا ڪريون، اسان جي پرارٻڌ ۾ انھن لکيل ھو. گھڻن ماڻھن کي اھا خبر نہ آھي، تہ پرارٻڌ ڪھڙي چيز آھي. پرارٻڌ آھي اسان جي ڪيل ڪرمن جو نتيجو. اُن لاءِ اسين ڄاڻ جوابدار آھيون ۽ نہ پرمشور پرماتما؛ انھن ڪري آلس پرارٻڌ کان جدا آھي.

سنتن، مھاتمائن ۽ گيانين، پنھنجي پنھنجي حاصل ڪيل پدويءَ موجب، يا گيان ۽ ايماس موجب، پاڻھون ٿاھيون ۽ گرنٿ رچيا. اُنھن جي پڙھڻ بعد اسين سنساري جيو، پنھنجا پنھنجا سڌانت ٺاھيون ٿا. اُنھن مھا پرشن جي مطلب کي پوريءَ طرح نہ سمجھي، اسين ھرڪنھن ڪار بر انھن تا چئون، "حڪم بنا ڪجھہ نہ ٿو ٿئي." اھو ان ڪري جو جيڪي اسين پڙھون ٿا يا ڪتاب ۾ پڙھون ٿا، انھن تي پورو ويھار نہ ٿا ڪريون. چڱو! وٺو ڳالھہ ھڪ چور جي. اھو چور چوري ايشور جي آگيا سان ٿو ڪري. ھو ڪورٽ ۾ اچي چوي "سائين ڪرڻ ڪراوڻ آپي آپ. مانش کي ڪجھہ نہين ھاٿ." "مون ھيءَ چوري ايشور جي آگيا سان ڪئي آھي." مئجسٽريٽ ان حڪم ھلائڻ لي، چور کي سزا نہ ڏيندو

چا؟ مٿس ٻرهمڻ چوندس تہ ”مان توکي سزا ڏي، ايشور جي آڳيا سان ٿو ڏيان.“ چئبو تہ ايشور اول ڀڳتن جو ڀر ڪم تہ ڀري، پوءِ اُن کي پاڻيءَ سان ڌوئي ٿو!

سنت اهو، جنهن جو انت ڀاڙيءَ تہ ايشور تہ نواس ٿئي. سڀئي سنت جي جيڪا تہ ساراهہ ڪجي سا ٿوري. اُهي سنت پرشن جي واڻي ڪوہ گهٽ سنت جي ورڌ نہ ڪرندو. اُهي جو ٻوليو خواهہ لکيو اسان جي دل اندر واسو ڪري ٿو، پر اهو ٻوليو يا لکيو، پوري وڇار هيٺ نہ ٿو اچي. ايشور اول حڪم ڏني تہ چوري ڪر. پوءِ وري چوريءَ لاءِ سزا ڏني. هي نياءُ تہ نہ ٿيو.

ڀڳت تلسيداس هڪ هنڌ چوي ٿو، ”جيڪي ايشور ڪري ٿو سو ٺيڪ ٿئي ٿو.“ وري ٻئي هنڌ چوي ٿو، ”جيڪو جهڙا ڪرم ڪندو، تهڙو ايشور اُن کي ڦل ڏيندو.“ اُپنشد ۾ لکيل آهي تہ ”هي جيڪي ڏسجي ٿو سو سڀ برهم آهي. ڪرم ڪندا سؤ ورهيہ جيئرا رهو.“

هي جيو ڪرم ڪرڻ ۾ سوتنتر آهي، پر ڦل ڀوڳڻ ۾ پراڌين آهي.

سورج نہ نڪري، تہ جيڪر پرٿوي ماتر جا جيڪي وڻوار آهن، سي سڀ ٻند ٿي وڃن؛ پوءِ اُنهن چئبو چا تہ هي وڻوار سڀ سورج جي روشنيءَ ڪري ٿيا. سورج جو اڀرڻ، سورج جي روشني ڏيڻ، سورج جو لهڻ وغيره ڪم ايشور جي ستا سان ٿي رهيا آهن.

اُن سٽا کي حڪم سمجهو يا آگيا سمجهو. اُن جو مطلب اهو نه آهي ته ايشور چوي ٿو ته وڃي گناهه ڪريو.

اڄ پالڪ سوڪيم لتون جي چڱيءَ طرح ابياس ڪرڻ لاءِ گيتا هڪ عمدو ۽ آدرشي ڪتاب آهي. اُن ۾ صاف صاف لفظن ۾ ذڪار ڪيل آهي، ته آتما ئي پنهنجو شترو، آتما ئي پنهنجو متر آهي. آتما يعني جيو. هي جيو ئي پنهنجو شترو ۽ جيو ئي پنهنجو متر آهي. من ئي موڪش ۽ بندن جو ڪارڻ آهي. پنهنجو من لوڪي بندن ۾ وجهي ٿو، پنهنجو من لوڪي ڦاسائي ٿو ۽ پنهنجو من لوڪي بندن کان ڇڏائي ٿو. اُن ڪري چيو اٿن:

چنچل من پوت - استر من برهم.

اُپنشد ۾ ائين ته لکيل ڪين آهي، ته ڀڳوان ئي سڀني کي ڦاسائي ٿو ۽ ڀڳوان ئي سڀني کي ڇڏائي ٿو. پرماتما کان سواءِ ڪوبه پرشارٿ نه ٿو ڪجي. پرماتما کان سواءِ ڪوبه خراب ڪم نه ٿو ڪجي. انسان جڏهن ڪنهن ڳالهه ۾ پنهنجو فائدو ڏسي ٿو، تڏهن اُن ڪم ۾ پرورت ٿئي ٿو. جڏهن ايشور ڦاسائي ۽ ڇڏائي ٿو، ته سندس پرشارٿ ئي وئرٿ ويو. پوءِ اهڙو پرشارٿ هو ڪرڻي ڇو؟ ايشور جي فقط سٽا آهي ۽ هو هميشه نراپراڌ آهي.

مٿان اوچتو ڪا مصيبت اچي پوي، جهڙوڪ ڇت هيٺان دٻجي وڃڻ، اُن کي پرارٻڌ ڪرم چئجي ٿو. پـر

جيڪڏهن ڪو ماڻهو ٻئي جو مٿو ڦوڙيندو آ، مٿي جو زور ڀرڻ ٻارڻ لاءِ نه رکبو. چور ۽ ڌاڙو چوري ڪندي ڦاسجي پون، ته انهن ته ڪين ڇوڙيندا، ته ڦاسڻ اساهجي نصيب ۾ هو. ڪرما هميشه سوتنتر آهي، پر اهو ساڳيو ماڻهو ڦل ڀوڳڻ ۾ پراڌين آهي. چوري ڪرڻ پڻ پا ڪنهن ڏوهه، ڪرڻ پڻ، چور پا ڏوهي چوي، ۽ مون کي چوريءَ جا ڏوهه جي سزا نه ملي، سو انهن ڪيئن ٿيندو؟

ٻراڻيءَ کي ڪيان ٽن ڪرمن سان نصيب ٿيندو:-

١- آگم ڪرما ٢- گورو ڪرما ٣- اڀور ڪرما

ٻانس جو وڻ چندن جي وڻ کي ڏوهه ڏئي، ۽ اون پڻ سڀئي وڻن کي لڳڻ سان خوشبودار بڻائين ٿو، پر مون لاءِ لڳڻي خوشبوءِ جو ڪوبه اثر نه ٿو ٿئي، سو ڇو؟

١- اون لمبو آهين، اون ٻاڻ کي وڏو ٿو سمجهين ۽ نئڙي مون وٽ نه ٿو اچين. (اهڙي طرح هنيلو ماڻهو سڀني مهاتما وٽ نه ويندو. ڪند جي ڪلي هن کي سڀني اڳيان نمڻ کان روڪيندي.)

٢- اون پورو آهين. تو ۾ خوشبوءِ مٿان پوي نه، هيٺان نڪري وڃي.

(ليڪن مون مڪ، سنتن جا وچن ٻڌي، انهن تي عمل نه ڪري پڻ هڪ ڪن کان ٻڌي ٻئي ڪن کان

ڪيئو چڙهي )

٣- هڪ هڪ فرد لئي لوڏي ڳنڍ آهي.

(من مڪ کي سمسنگ ڪندي، نوي نوي اُسي وڱهن پوي، جو واڌاري کي ڏوڪيو چڙهي ۽ سمسنگ جي خوشبوءِ ۾ اڪيو پوي.)

سو چندن جي وڻ وانگر سمسنگ جو چوڻ آهي ته:
"بابا ايمان چڙهي، جيڪي پڙهن سو اندر ۾ سانڍي ان تي ويچار ڪري. اندر جي ڳنڍ ڪرلي پڪل وچن تي عمل ڪن ته لوڪي سچو لاڀ ٿئي. جنهن جو انتهه ڪرڻ شڪ آهي، تنهن جو مالڪ سنڌس نيري آهي. جڏهن مانهو در در ڀٽڪي، دنيا جون نوڪرون ڪاٽي، ڪٽ ٿئي تو، تڏهن سچيءَ دل سان سچي سمسنگ جي پوڄا ڪري تو، ته انهو سنگ لاڀ ٿئين تو. هي جسو کي گرنٿ صاحب کي گرو ڪري ٿا مڃن، سي گرنٿ صاحب جي وچن جي ته پوري پيروي ڪن ٿي ڪانه ٿا، ته پره اهڙي گرو جي اپديش مان لاڀ ڪهڙو پرائيندا".

شاسترن ۾ جو لکيل آهي "آتم گهاتي، مها پاپي".
اهو آتم گهات ڪندڙ وڏو پاپي جو ليکيو؟ ايشور جي حڪم سان آپ گهات ڪيائين، پوءِ پاپ چاجو؟

راجا جيڪڏهن انصاف نه ڪندو، اسو رعيت پڪڙ جي پرندي، اڌرم زور وٺي ويندو.

جڏهن ماڻهوءَ جو مقصد پرارٿ اوسار ٿيندو آهي، ۽ سنڌيا گائتري ۾ ايشور کي اهڙا پرارٿنا جو ڪم آهي، ۽ سؤ ورهيه جيترو رهان. اکيون، ڪن ۽ ٻيا عضوا سؤ ورهين تائين سالم رهن. ماڻهو جو آشيرواد ڪن ٿا، ته، ”بابا شل وڏيون وڌهون، وڏي آورجا ماڻهين“. انهن جو ٿا چون، جڏهن لمبي وڏي عمر پرارٿ موجب ايشور هرڪنهن جي وصل ڪري ڇڏي آهي.

ڪيترن وڳالهن جو اهو زوردار راهو آهي، ته تندرستيءَ جي قاعدن تي هلي ماڻهو پنهنجي آيو وڌائي سگهي ٿو.

جڏهن ڪي اسين پرارٿ چئون ٿا، تنهن کي گهٽائي وڌائي سگهون ٿا. اها ڳالهه ٺيڪ آهي، ۽ پڪيءَ ۾ پرک داران ماڻهو سڀڪجهه ڪري سگهي ٿو. پرمهنس تلسيداس پنهنجي وچن پارٿ لاءِ، هڪ پتنيءَ جو پتي جيترو ڪيو. اسين سڀني مهاتمائن کان آشيرواد ڇو ٿا وٺون؟

جڏهن پرارٿ موجب جيڪي اسانجي ڀلائي ۾ لکيل آهي، سو اوس ٿيندو آهي. ڪنهن سڃڻ مهاتما جي آشيرواد سان اوهانجو ڪارج سڌ ٿئي ٿو، ۽ توهين اُن مهاتما کي چوندا ڇا، ۽ سائين اهو منهنجي نصيب ۾ لکيل هو. جي ائين هو ۽ توهان آشيرواد لاءِ وڃڻ جو ڪيئي؟ سڀ پرش جي جيتري آشيرواد وٺي، اوترو ڦهو ڦائدو ٿيندو.

ڪالٽر پرشن وانگر هرهڪ ڪم اندر پرارٿنا ڪري
اڳيان نہ رکو.

هڪ راج ڪنور کي اهو پڪو نشچو ٿيو ته جيڪڏهن راڄائي منهنجي نصيب ۾ هوندي، ته اوس مونکي ملندي؛ جي اُنکي نہ هوندي ته ڪيئن ملندي. سو مطلب ۾ اندر ويٺو هوندو هو. استري شستر سکيا کي جواب، ورديا حاصل ڪرڻ کي جواب، شادي ڪرڻ کان انڪاري واري؛ مطلب ته هرهڪ ڳالهه ۾ نصيب کي ئي اڳيان آنداڻين. راجا ڏٺو ته هن راج ڪنور جي منورٿي اسانجي ڪل جو انت آڻي ڇڏيندي، سو هڪ پهتل سنت مهاتما کي گهرائي، ان سان اها ڳالهه ڪيائين. مهاتما راج ڪنور کي ايڪانت ۾ وهاري، پرارٿنا کي پرماڻن ۽ مثالن سان ڪيئن ڪرڻ لڳو. ان بوڪ سان ان راج ڪنور جـــون شنڪائون سڀ نورت ٿيون. پرارٿنا بوڪ اسانکي پرتڪا آهن، مگر پرشارٿ سان انهن آئينده جي پرارٿنا ناهي سگهون ٿا.

حيدرآباد ٦ سيپٽمبر ١٩٤٥

## اُپديش نمبر ڇهون

اپاس ڪال ۾، اپاسيءَ جي سمهڪ انيڪ وگهن اچي ڏڙا ٿين ٿا. جڏهن جگياسو انڪ پالڪ ڪيتر ۾ پرورس اٿي اڻ انڌهن هنوا جيڪي اشڀ وچار ۽ اڪرم آهن،

جنهن انسان آرنپ نه ٿيو آهي، اُنهن ۾ هڪ قسم جو خوف اچڻو اُلون ٿئي. هڪڙي اهي قول ڏيڻ لاءِ اهار ٿيو انهن ۾ اُنهي ايماس ۾ وڏو وڏن وجهن ٿا. اُن ڪري ڪُ ويچار ۾ شريرڪ دوش دکه ڏيڻ لڳن ٿا. سڀني ۾ وڏو وڏون آهي انماري يا آلس. جو مٿين هنٽن چئن پرهيزن سان ست سنگ ڪري ٿو، تنهنڪري ست سنگ مان پورن فائدو وسي ٿو:-

١- اوسنڌان ٢- آلس، جو ابياه ٣- آتم شردا ٤- آچرن.

چارئي پرهيزون اڪر سان شروع ٿين ٿيون جو مٿين چئن آڪارن سان ست سنگ ڪري ٿو، تنهنڪري انت ۾ سچو گيان لاڀ ٿئي ٿو. اڳي ٻڌايو ويو آهي، ته ست سنگ آهي هڪ رٿ سمان، اُنهن ۾ چئن آڪارن وارا چار گهوڙا جوٽيا ته گيان مندر ۾ پهچبو. ستن جي سنگ مان ست سنگين کي ته، رڳو اڌ يا آڌڪ فائدو وسي ٿو، پر دنيا جا ڪم به ٿيئن ٿا. آلس وڏو شترو آهي. آلس ڪري شڀ ڪارج به ڇڏي ڏجن ٿا. آلس کي ڪيئن جيتجي؟ سڀ مان نواڻوي ماڻهو آلس جو شڪار ٿين ٿا، مگر جڏهن آلس کي جيتڻ لاءِ ڪو جگياسو ڪمرڪسي ٿيندو، ته ضرور اُنتي جيت پائيندو. آلس تي جيت پائڻ جا اُپاءَ هيٺ ڏجن ٿا:-

١- ويچار- اڪالت ۾ ويهي ويچار ڪجي، ته لوڪ ۽ پرلوڪ فائدي حاصل ڪرڻ لاءِ، اسانوي

سامهون جهڙي ڪم اچن ٿا، سي اسانکي ٻرون ريت ۽ ستنترائيءَ سان ڪرڻ گهرجن. انهن ۾ ڪوبه عذر نه آڻجي. ڪم ڪري ڇڏيو هڪ ڏينهن، ته ڪم ڇڏيندو پندرهن ڏينهن ۽ پوءِ اهو ڪم گهڻي قدر بگڙجي ويندو ۽ ڪيترا شيءِ خراب رهجي ويندا. آلس جي هٽائڻ لاءِ، ڪنهن وٽ به حڪيمن کان دوا وٺڻي نه آهي. آلس جي هٽائڻ لاءِ ته وچار کان ئي ڪم وٺڻو آهي. دنيا ۾ جو هيترا ماڻهو پنهنجي ڪم ڪار ۾ فتح حاصل نه ٿا ڪن، انهن جو مول ڪارڻ آهي سندن آلس. جي آلس مهاشتروءِ اسي جهٽ پاڻي پنهنجي ڪم کي لڳي ڪوسيءِ، آندي ماڻهوءَ جيجي ٿا وڃن، سي ڪيڏو نه ڀالو ٿا ڪن. آلس اندر جي هڪ دوبلتا آهي. جڏهن اها دوبلتا اندر مان ڪڍبي، ته آلس ازخود نڪري ويندو. وچاروان ماڻهو اهو پڪو پرڻ ڪري ٿو، ته مان استول خواه سوکم شرير ۾ آلس کي اچڻ نه ڏيندس.

٢- آلس کي غالب پوڻ لاءِ پهو اپاءُ آهي شرير کي نروڳ رکڻ جنهن لاءِ گڻ زور نه پوي. شرير کي نروڳ رکڻ لاءِ چار نيم ڌارڻ ڪجن:-

١- سورج اڀرڻ کان اڳـــ اٿجي ۽ سوير سمهجي ۽ سوير اٿجي.

٢- چندرما ۾ سمهجي، نه چندرما ۾ اٿجي يعني

۽ جي رات جو پهري داخل ٿئي، ۽ رات جو ٽي ٿئي
يعني ۽ رات جو سمهي صبوح اٿڻ کان پوءِ ۽ ٿئي.

۽ سورج ۾ سمهجي ۽ سورج ۾ اٿجي؛ يعني ۽ ڏينهن
جو سمهجي، ۽ رات پوڻ کان اڳ اٿجي.

٣- رات جو گهڻو ڄاڳجي.

٤- رات جو اوڀر طرف يا ڏکڻ طرف منهن ڪري سمهجي.

اڄ ڪلهه هندستان جي ماڻهن پالڻهاري ۽ انسان سڄو
وڌيڪ ڌيان نٿو ڏئي سگهي، ڇاڪاڻ ته انهن جو ڪاروبار اهڙو آهي،
جو انسان فقط پنهنجو خيال رکي ٿو ۽ ٻين جو. گيانين
جو ڪم آهي ته دنيوي ماڻهن جو ڀلو ڪرڻ. ندي ٻين کي
پاڻي پياري، پر پاڻ ڪڏهين پاڻي نه پئي. وڻ ڦل
ٻين لاءِ ڏين، پر پاڻ ڪڏهين ڪين کائين.

جيئن اسان هندن ۾ چار ورن آهن، تيئن ورڪن
۾ به چار ورن آهن؛ پهريون برهمڻ سمان؛ ٻيو ڪشتري سمان
ٽيون ويش سمان ۽ چوٿون شودر سمان. انهن چئن قسمن جا
وڻ گهرن اندر هڻڻ کپن. انهن جي واڌ اسان کي گهڻو
فائدو رسائيندو.

ان ۾ پاڻيءَ جو اثر سوکهم شرير تي وڌو ٿي پوي
ٿو. جيئن ڪبير چيو آهي:

جهڙو پيئجي پاڻي، اهڙي ٻولجي ٻاڻي؛
جهڙو کائجي ان، اهڙو ٿيندو من.

ان جو اثر ٿيو تہ من تي ۽ ٻاهرين جو اثر ٿيو تہ ٻاهرين تي. اهو گهڻي ڀاڱن ۾ ڪانھ ڪري، ڀانئن ٿي وڏو ني اثر ٿيو تہ.

پران ٽن قسمن جا آهن:-

۱- اسٿول ۲- سوکشم ۳- سوکشم تر.

گهڻو ڪري تہ آلس وٺندو، سواس ڪرڻ ٿيندا، ۽ هر جي راس جو اصل ڪم، ۽ ٿو ڪانئو، ۽ بدن جي ڪمزوري وٺندي. جو پرش آهار ۽ وهار ۾ ڪمت ڪري ٿو، تنهن جو پرشارٿ سڀني دکن کي ناس ڪري ٿو ۽ ابهياس ۾ ڪري سگهجي ٿو.

۴- ڏينهن جو ڪم ڪار ڪندي، شرير مان پرن رستي هوا نڪري ٿي وڃي ٿي ڏرايءَ ۾ داخل ٿئي ٿي. ڏينهن جو بدن مان نڪتل هواءِ جي پورائي ضرور ڪرڻ گهرجي. اُن لاءِ ڏکڻ طرف منهن ڪري سمهڻ، تہ پرن رستي اُتر طرف کان ايندڙ هوا بدن ۾ داخل ٿيندي. لاچاري حالتن ۾ جيڪڏهن ڏکڻ طرف منهن ڪري سمهي نہ سگهجي، تہ منهن اوڀر طرف ڪجي. جو چوڻ آ تہ ديوتائن جو واسو اوڀر طرف آهي.

۲- آسن ڪرڻ لاءِ پڻ اُپاءُ آهي الپ آهار، ٿورو کائڻ. جو گهڻو کائي ٿو، سو پنهنجي آتما کي پنجن Covers ڪوش يا پردا ٿو چاڙهي. آتما انمئہ ڪوش

شالي آهي، مگر انهي مٿان جي ڪوش اچي وڃي، نه انهي شڪتي پورن رهي سان ڪم نه ڪري سگهندي ۽ نه ظاهر ٿي سگهندي.

ان مٿي ڪوش ڪري آلس وڌي وڃي ٿو. ٿلهن ماڻهن جي بدن ۾ آلس گهڻو ٿئي ٿو. اڳي شهرن ۾ رهندڙ ماڻهن جي عمر سؤ ورهيه ٿيندي هئي ۽ جهنگل ۾ رهندڙن جي سوا سؤ ورهيه. جيڪي ماڻهو بيحد ڏاڍي کائين ٿا، تنکي آلس گهڻو ٿئي ٿو ۽ اهي ڪم به گهٽ ڪن ۽ بيمار به جلد ٿين ٿا.

رات جو چندرما جو اثر شرير تي ٿئي ٿو. سورج جا ڪرڻا رات جو ستول شرير لاءِ ڏنا ٿون تنهڪري رات جو ننڊ ڪائڻ، نه اٿڻ جلد کپندو. الپ آهار سان گهڻيئي بيماريون دور ٿين ٿيون. شرير کي رشت پشت وڌڻ لاءِ ستن مٿين چار ڳالهين وڌن ڪيون آهن. چڱيءَ طرح ڪم ڪندين ڪري سگهبو، جڏهين شرير ٺيڪ هوندو، تڏهن شرير کان سواءِ نه ڪي آتمڪ ۽ نه ڪي مانسڪ انتي ڪري سگهبي.

٣- اڀياس آلس کي گهٽ ڪرڻ جو آهي برهمچريه جو چڱيءَ طرح پالن ڪرڻ. برهمچريه پالن ڪرڻ جو مطلب اهو نه آهي ته گهر ٻار ڇڏي وڃي جهنگل ۾ واسو ڪجي. جو ماڻهو برهمچريه جو پالن نشڪام ڀاءُ سان ٿو ڪري، ان جي لهنجي آيو ڪن، بدن ٺيڪ ٿئي ٿو ۽ هن کي

انيڪ پرڪارن جا دک، پيڙائون ٿين ٿا. برهمچريه جي بل سان ديوتائن تي به منش جيت پائي سگهي ٿو. ڀيشم پتامهه سڀ کان وڏو برهمچاري هو. ١٩٥ ورهين جو ٿي مئو. شرير پنهنجي اڇا انوسار ڇڏيائين.

اڄ ڪلهه سڪولن ۽ ڪاليجن ۾ نوجوانن کي برهمچريه شڪشا ڪا، سکيا ڪانه، اُنسي ڏني وڃي. نتيجو اهو ٿيو آهي، جو اُنهنجي ڇڏي هڏڻ ۽ عمر ڪم ٿيندي ٿي وڃي. درحقيقت ٥٠ يا ٥٥ ورهين ڌان پوءِ زالن ۽ مردن کي برهمچريه پورن ريت اختيار ڪرڻ گهرجي، ۽ باقي آيو آتم چنتن ۾ وقف ڪرڻ کپي.

پشن پسن جو برهمچريه، انسان لاءِ هڪ عمدو مثال آهي. سال ۾ هڪ دفعو نر ۽ مادي گڏ ٿين.

اڄ ڪلهه ويهن عزيزن ۾ جي شاديون ٿيڻ لڳيون آهن، سي هندو قوم جي آتمڪ ترقيءَ کي گهٽ آڻينديون. ويهن سالن ۾ شاديون ٿيڻ ڪري، ٻنهي طرفن جي ڇڏي گهٽ ٿئي ٿي ۽ روحاني ترقيءَ کي اصل ڌڪو اچي ٿو وڃي.

ڏيتي ليتيءَ کي نوجوان گهٽائڻ بدران اُنکي وڌائڻ لاءِ طرحين طرحين جا اُپاءَ وسيلا اختيار ڪري رهيا آهن! جن ۾ قوم جون سڀ اُميدون، اُهي قوم جي ستياناس ڪرڻ لئي ڪمرڪشي بيٺا آهن! ڌرم جي ناس ٿيڻ جو مکيه ڪارڻ ڏيتي ليتي ۽ نوجوانن جي

ڏوتي مدرولي آهي جنهنڪري ڪماريون پرڻجي ساهري گهر وڃن ٿيون، ان سان ڪيترين ڏاڍيون ڏيتي ليتي جي ڪري جلدي موت جو ٻڪ ٿين ٿيون يا جهڙي مئن جهڙي حالي گذارين ٿيون، اڪثر گهڻيون ڇوڪريون شاديءَ لاءِ ويٺيون آهن. ڪي ته ۳۵ يا ۴۰ ورهين جون به اڃي ٿيون آهن. اهڙيون وڏيون ڪمائون، پنهنجي اندر مان جيڪي دردناڪ آهون ڪڍي رهيون آهن، سي قوم جي ستياناس ڪري رهيون آهن.

اسانجي ته ڇوڪرين کي صلاح آهي، ته ڇوڪريون پاڻ ۾ سنگٺن ڪري اهو پرڻ ڪن، ته جتي ڏيتي ليتي هلندي، اتي اسين شادي نه ڪنديونسين؛ پرهرچري پيون زال سان پالن ڪري اُسين من پرماتما جي چرڻن ۾ لڳائينديونسين. اهڙين سهڻن ڪمائن لاءِ مالڪ ضرور مهر ڪندو.

حيدرآباد ۸ ڊسمبر ۱۹۲۵

## اُپديش ڏهبر سٿون

ماڻهن جي شرير جي اندر آس ٽي هڪ مها شترو موجود آهي. ان مها شتروءَ کي مارڻ يا هٽائڻ يا جيتڻ واسطي ٽي مکيه اپاءَ مٿي ڏيکاريا ويا آهن. انهن اپاءَن سان گڏ، مٿي ڏيکاريل چار پرهيزون جيڪڏهن پالن نه ڪبيون، ته جگياسوءَ کي سمه سنگه ڪرڻ مان سچو

فائدو حاصل نه ٿيندو. انهن ڇهن پرهيزن جي پالن ڪرڻ لاءِ اوهان کي اڳئين ٻڌايو ويو آهي. اهو ته اوهان کي ٻڌايو ويو آهي، ته آلس لي جيءَ ڪهڙن پانهي؟

جڳياسو جڏهن وقت اپياس ڪرڻ يا ڌيان ڪرڻ لاءِ وهي ٿو، يا انهن جي اڀيا ڪري ٿو، ته آلس اچي گهيري ٿس. ڪڏهن جي ۴ بجي صبوح جو، ڪڏهن جي ۵ بجي صبوح جو اٿڻ ڏئي، ته آلس هن کي چوي ته ڪجهه وقت اڃان به آرام ڪري وٺ، جو سوير آهي. انهن خيال ڪندي ”اجهو ٿـــو اٿان، اجهو ٿو اٿان“ مٿان صبوح اچيو نڪاءُ ڪري. ڏيـــر سان اٿڻ ڪري، نه پرمارٿڪ اُنتي ٿئي ۽ نه سنسارڪ فائدو ٿئي. اهڙيءَ طرح سڀ سنگي جا سڀ ڪم اڌورا رهجو وڃن.

گياني پرشن آلس کي منش جو وڏو دشمن ڪري ڪوٺيو آهي. آلس ڪري ڪي دنيوي ڪم جهڙڪ ڍهين پورا نه ٿيا، ته اُن مان ڪو گهڻو ڇهو نـــه وسندو، پر پرمارٿڪ اُنتيءَ ۾ واڌارو نه ٿيو، ته انت سڀي همت هٽيان پوندا ۽ ڳوڙها ڳاڙڻا پوندا، تڏهن ڪري سنتن مهاتمائن جو پار پار اهو چوڻ آهي، ته پاپا پڌهجي ات نمرواري اڀياس ۾ ڪو وگهن پوڻ نه ڏيو.

١- پهريون وگهن آهي وياڌي- (من مستي ۽ آلس.) من مستي سوڀم ۽ آلس استول ٢- سنشه ايشور

جي هستيءَ ۾ ٣- سڌ، گروءَ جي سکيا ۾ ۽ ٤- سڌ، يا
شڪ پيدا ڪرڻ پالڻ ۾.

ايشور جي هستيءَ ۾ سڌ، آئون ٿيو، نه پرماتما
انتيءَ جو ٿيو پلو. پيدائش پـاڇ ۾ شڪ ھولڊو، نه پيو
ويچار ٿيندو، نه جنهن کي مان ڪري رهيو آهيان، سو
وڌيءَ پوروڪ آهي يا نه. انهن کان سواءِ جي گروءَ ۾
شڪ پيو، نه جيڪا سکيا ملندي، انهن مان ڪڍي لاڀ
اٺيب نه ٿيندو. اهيءَ قسم جا وگهن وستار پوروڪ
اڳي ڏيکي ڏيکاريا ويندا.

آلس کي گھٽ ڪرڻ جا ٣ اپاءَ وستار پوروڪ
اڳي ڏيکاريا ويا آهن. آلس کي جيتڻ جو چوٿون اپاءُ آهي:
ترانڪ. Hypnotism Or Mosmerism

١- ويچار ٢- الپ آهار ٣- برهم چريه سان نه جي
آلس گھٽ نه ٿئي ۽ اپاءَ ڪندي آلس ۽ ٻا سستي
وڃي نه ته ترانڪ ڪرڻ گهرجي. ڪنهن به پدارٿ کي جڏهن
هڪ ٽڪ ڏيان لڳائي ڏسبو، تڏهن اهو پدارٿ اسان
جي اکين اڳيان پيو ڦرندو.

هي جيو مرڻ بعد اهائي جوڻ وڃي ٿو، جنهن جو
هو سنڪلپ دريڙ ڪري ٿو. هي جو شاسترن ۾ لکيل
آهي ته انت سمي جو جنهن جنهن پرش يا پدارٿ جو
سمرڻ ڪري ٿو، ان پرش يا پدارٿ جي واسنا پردي
اندر يا سوکشم اوستا ۾ اکين اڳيان ڦرندي رهي ٿي.

پراڻ اڪرڻ بعد، آخرين ڪمن واسنائن موجب، جنم ملي ٿو، انهن ڪري آلس کي هٽائڻ لاءِ تراٽڪ ڪرڻ کپي.

## تراٽڪ ڪرڻ جي وڌي.

ايڪم- تيرس- چوڏس ۽ پورن ماسيءَ ڏينهن، ڏنل ڇت تي ويهجي. اهڙي هنڌ ويهجي، جتان چندرمان جو درشن سهوليت سان ٿي سگهي. اتي ويهي، اکيون اڌ بند ڪري، چندرما ڏانهن هڪ ٽڪ نهار جي جستائين اکين ۾ پاڻي نه آيو آهي. اکين ۾ پاڻي اچي، ته هڪدم اکيون بند ڪري چندرما جو درشن ڪجي. چندرما ۾ تراٽڪ ڪرڻ سان تموگڻ نڪري وڃي ٿو. جي تموگڻ نڪتو ته آلس به ضرور ڇڏيندو.

اهي چار ڏينهن هر هڪ مهيني، ٻارهن مهينن تائين چندرما جو تراٽڪ ڪجو، ته آلس کان ضرور آزاد ٿي پئبو.

## آتم وشواس يا آتم شرڌا.

جنهن منش جي اندر آتم وشواس نه ٿو رهي، اهو منش سنسار ۾ اوچ ڪوٽيءَ جو ڪوبه ڪم ڪري نه ٿو سگهي.

آتم شرڌا، آتم نشٺا يا مانسڪ شڪتي گهٽ ٿي پئي، ته من ڪنهن به ڪم ۾ فتح حاصل نه ڪندو. جنهن کي آتم وشواس Will Power يا اڇا شڪتي آهي، انهن جا سڀ ڪم ڪارج سڌ ٿيندا. مٿي ڏيکاريل اپاون مان آتم وشواس پيدا ٿيو، ته روحاني ترقي لئس ٿيندي ۽ Spritual World ۾ وک وڌائي سگهبي.

من جي ڪمزوري ڪرڻ لاءِ هرڪو يتن ڪجي.

اڳيان من جي ڪمزوريءَ جو مکيه ڪارڻ آهي. اڳيان هليو ويو، ته آتم وشواس اُپن ٿيندو. وشواس اُپن ٿيڻ بعد ڳيان ٿيندو، ڳيان ٿيڻ بعد، آتم ساڪشاتڪار ڪرڻ ۾ ڪا به تڪليف ڪا نه ٿيندي ۽ آتما کي ڪنهن به مانسڪ خواهه آتمڪ پرشارٿ ڪرڻ جي ڪا به ضرورت ڪا نه رهندي. آتم وشواس ۽ آتم شرڌا هوندي، جي اچرڻ نه ڪبو، ته به ڳيان مارگ ۾ وک وڌائي نه سگهبي.

٢- من جي ڪمزوريءَ دور ڪرڻ لاءِ، پراڻايام به هڪ ٻيو علاج آهي. پراڻايام ته ٻار ٻڍي، ننڍي وڏي لاءِ بلڪل ڪارائتو آهي. هرڪنهن جي اوستا ۽ لائقيءَ موجب پراڻايام جا رستا مقرر ڪيل آهن. جنهن ڪڏهن وڏي اوستا وارن هٺ لائين پراڻايام جو مزو نه چکيو آهي، تنهن وڪر نه آهي. اهي هاڻي به اهو قدم کڻي سگهن ٿا. وڌي سا وڌي، هاڻي به ڪجهه ڪري. جوانن کي اهو خيال نه ڪرڻ کپي، ته پوڙهيءَ ۾ پراڻايام ڪبو. اهو خام خيال اُنهن کي ڇڏڻ کپي.

اهو آلس نه جوانن کي دک ساگر ۾ غوطا کارائي رهيو آهي. جوان به آتم شرڌا رکندا ته هميشه لاءِ شانتيءَ ۾ گذاري سگهندا. آتما اننت شڪتي شالي آهي، مگر ان مٿان جنهن کي پردا چڙهي ويا آهن، سي جي دور

نه ڪيا، نه جنم مرڻ جي چڪر کان ڇوٽڪارو پائي نه سگهيو ۽ مرڻ وقت ڏاڍو پشچاتاپ ڪرڻو پوندو. درحقيقت هي سنسار هڪ سپني سمان آهي. سپنو ٻن پرڪارن جو ٿو ٿئي:-

١- ويڻي ولڙي سمجهڻي آ، ڪو آواز ٿيو مگر آواز نه هو. اها سپني جي هڪ اوستا آهي.

٢- مرڻ وقت "آس سپنو" اچي ٿو، جو هڪ ڪلاڪ ٽائين پيو اچي. هي شرير ان وقت سوکم اوستا ۾ رهي ٿو. اوچتو مرندڙ ماڻهو کي به هي سپنو اچي ٿو. ان سپني اندر هو پنهنجو پيو جنم ڏسي ٿو. اول نه جاگرت اوستا ۾ رهي، پنهنجي ڪيل ڪرتوتن تي پشچاتاپ ڪري ٿو، ۽ پشچاتاپ ڪندي، هو بيهوشيءَ جي حالت ۾ اچي وڃي ٿو، ڇاڪاڻ ته، هو ٻئي جنم جي حالت محسوس ڪري ڏاڍو دکي ٿئي ٿو، مگر ان وقت هو ڪري ئي ڇا ٿو سگهي! تنهنڪري پاڻ جيئري مول انهو کي جاڻڻ جو هرڪو يتن ڪجي ته مرڻ وقت انت ڪال ۾ رهندي پراڻ تياڳ نه ڪجن ۽ نئين جوڻن ۾ جنم نه وٺجي.

اهو آس سپنو مرڻ وقت ناستڪ کي به ايشور ياد ڏياري ٿو. هون جو ماڻهو ايشور جي هستيءَ ۾ ساري عمر سنديه ڪندو رهيو، سو به مالڪ مهربان جي مهرباني لاءِ واجهائڻ لڳو ۽ ائين چوڻ لڳو ته:

آم لفظ کي "Oh God have mercy on me."
جاڻائڻ، وڏا ڪشٽ ڏسڻا پون ٿا؛ وڏو پڇتاءُ
ڪرڻو پوي ٿو. پوءِ ان سڀني جو احوال اچي ڪنهن ڏينهن.

آم وشواس وڌائڻ لاءِ ٻيون اپاءَ آهي :-

١- پراڻايام ساهه کي روڪڻ. پراڻايام جا ١٠٨ قسم
آهن، جن ۾ مکيه آهن ڏهه.- آم وشواس وڌائڻ پراڻايام
سان. من کي روڪڻ لاءِ پراڻايام هڪ ڪارائتو ۽ ڪارگر
اپاءَ آهي. پراڻايام سان من جي ايڪاگرتا ۽ همت اچي.
ٻڪريءَ جي گاڏيءَ ۾ جي اٺ ۽ وڇڙو ته گاڏي ٺيڪ
نه هلندي. من کي روڪڻ لاءِ پراڻايام گويا اٺ جو ڪم
ڪري ٿو. من ڌارڻا جي لائق ٿئي ٿو. روز گهٽ ۾
گهٽ ڏهه پراڻايام ڪجن. پراڻايام ڪندي وقت ۽
ساڪار روپ، وقت ۽ نراڪار روپ ۾ ايشور کي ڌيو.

جڏهن من ڪمزوري ڏيکاري ۽ ڇري ۽ هي
ڪم منهنجي وس کان ٻاهر آهي ته من کي روڪ
ڪري، ڌيرج ڌريو.

پراڻايام ڪرڻ سان، وهنوارڪ ڪمن ۾ به فتح
حاصل ٿئي ٿي. پراڻايام ڪرڻ ڪري، شرير اروڳ رهندو.

هي پراڻ شبدن سمان آهي. شبدن کي وڏي ۾
سان همت ۽ ڪم ۽ ساهه کڻندي وڃڻ نه ڪندو.
ذهن ۾ اڻين اندر پراڻ شبدن واڳر آهي. ان شبدن

کي جهڙيءَ لاءِ، ڪنهن واقفڪار يا ڄاڻوءَ جي صلاح ضرور وٺڻ کپي. ٻيهڙيءَ سر هي شهر هڪ ڏ. ايندو. اُهي شهر کي ٻيڙي ۽ ڦاسائيو، ته هو ٻڪڙجي پوندو. ٻڪڙجڻ کانپوءِ، اُنکي وڏي سان ڪنهن ڪم لاءِ ڦيرايو، ته اُهو ڪم ڪندو جهڙيءَ طرح سرڪس وارا، شينهن ٻڪڙي، اُنکي ٻڪريءَ وانگر ڦيري واندرن ۽ واندرن ڪرائيندا آهن.

پراڻايام مکيه اٺ آهن:-

پاڻيءَ وارن لاءِ جدا پراڻايام، پدماسن وارن لاءِ جدا، پلنگ وارن لاءِ جدا، ورڌ اوستا وارن لاءِ جدا.

پراڻايام ڪرڻ سان آتم وشواس زور وٺي ٿو.

مهاپرشن جي جيون چرتر پڙهڻ سان بہ آتم وشواس وڌي ٿو. اُنهنجي جيون چرتر پڙهڻ مان، اهو نشچو پڪو ٿيندو، ته سنسار ۾ اهڙو ڪو به ڪم ڪونه آهي، جو انسان نه ڪري سگهي. جيو آتما لکي پڙهو ۽ نڪي جوان، پر هميشه هڪ رس رهي ٿو. پرڌاوستا ۾ مٿس پردا چڙهيل رهن ٿا، انهيڪري اڳيان وس نٿي ٿو؟ چيت شانتي اصحب نٿي ٿئين.

جدا جدا مهاتمائن جي جيونيءَ مان، سدا سدا سبق پرائجن، ۽ پنهنجي آتم وشواس ۽ آتم شرڌا کي زور وٺائجي. سمت گورو کي کپي، ته ڪمڪا ضرور ڏيڻ کپي.

دنيا جو مطلب اهو نه آهي، ته پنهنجو گهر ٻار يا ٻي ڪا
شيءِ ڪين ڇڏجي. دنيا جو مطلب آهي، ته سندس
آڳيا جو پالن ڪجي. پنهنجو لاڀ به ڪجي. ٻئي جو
لاڀ به ڪجي. پاڻ کي سکيا اهڙي ڏجي، جا ڪنهن
جيوَ جا ڳرس رکي.

هڪ ڀيري پنهنجي گوروءَ کان پڇيو، ”سائين مان
اوهان جي آڳيان ڪهڙي ڀيٽا رکان؟“ اُن جي جواب
۾ گوروءَ چيس ته ”بابا وڃ ۽ وڃي سنسار جو ڀلو ڪر.
اها دنيا اسان کي اون ڏيئي رواتو ڪئي ٿي.“ شش ورائيو،
ته ”سائين اها دنيا مايا وي ته نه ٿي. ڪا مايا وي
دنيا گهرو.“ انهن تي گوروءَ پڇيس ته ”بابا ڪهڙيون
وديائون اسان وٽان حاصل ڪيون اٿئي. انهن ۾ مکيه
ڪهڙيون وديائون سمجهيون ٿو؟“ شش جواب ڏنو ته
”چوڏهن وديائون حاصل ڪيون اٿم. انهن ۾ گيان وديا
۽ برهم وديا مکيه آهن. اوهين جيڪي گهرندا سو مان
ڏيندس.“ گوروءَ انهن تي آگيا ڪيس، ته ”چڱو وڃ،
وڃي ۱۴ لک موهرون ڏيئي اچ ۽ وري اهڙو ڪو سوال
نه پڇج، جو مايا سان سنبنڌ رکندڙ هجي.“ شش هڪ
آتم وشواس وارو هو. انهن دل ۾ چيو، ته اهڙو ڪهڙو
ڪم آهي جو انسان دنيا ۾ نه ٿو ڪري سگهي. اڇا
شڪتي سان ڀرپور هوس.

شش وچار ڪرڻ لڳو، ته ۱۴ لک اشرفيون رقم

ته مشڪل وڏي آهي! اهڙو جهڙو ماڻهو نه ايترو دان ڏيئي نه سگهندو. سو لنگهي ويو راجا رگهوءَ، شري رامچندر جي ڏاڏي وٽ. راجا رگهو ان وقت مٽيءَ جي ٿانون ۾ پوڄن ڪري رهيو هو. سامهين وقت اندر چٽن ۾ نه مکڻ هو. راجا رگهوءَ ان براهمڻ جي شش کان پڇيو ته "بابا ڇاڪ آهين. ڪا تڪليف ته ڪانه اٿيئي؟" رگهو راجا هڪ نياءُ ڪاري ۽ رحمدل راجا ٿي گذريو آهي. هن نوجوان جواب ڏنس ته "مان جيڪڏهين پنهنجي من جي مراد اوهان اڳيان ظاهر ڪندس، ته اوهين اهو ڪم نه ڪندا، ڇاڪاڻ جو سمجهان ٿو، ته مٽيءَ جي ٿانون ۾ پوڄن ڪائيندڙ راجا وٽ، ڌن دولت ڪٿو ٿيل نه هوندو. آخر زور ڀرڻ تي گرو دکشا جي ڳالهه ظاهر ڪيائين. رگهو راجا اڪانت ۾ ويهي ويچار ڪري، هڪ وڏي سٺ پرش جي پرتاپ سان، هن نوجوان جي مرو ڪامنا پوري ڪئي ۽ هو اهو ڌن ڏئي گرو دکشا ڏيڻ ويو. سندس گوروءَ اها رقم وري ڌرم ۽ پرآپڪار جي ڪمن ۾ لڳائڻ جي آگيا ڪئي.

شروعات ۾ گوروءَ هن کي چيو هو، ته بابا وڃ ۽ وڃي سنسار جو ڀلو ڪر. اها اسان کي پنهنجي وڏي ۾ وڏي ڀيٽا ٿيندي. شش گوروءَ جي آگيا جو پورن ريت سان پالن ڪندو هيو، پرارٿ پڌاريو. شش ۽ هڙا!!!

حيدرآباد ٩ ڊسمبر ١٩٢٥

## اُپديش نمبر اٺون

آتم وشواس يا آتم نشچو، هڪ اهڙ ڪس اُپاءُ آهي آتم ساڪياس ڪار ڪرڻ جو. جنهن پراڻيءَ جي اندر آتم وشواس نه آهي، اهو منش پنهنجي سروپ يا ايشور کي، ڪڏهين به سڃاڻي نه سگهندو. اُن کي آتم ساڪياس ڪار ڪڏهين ڪين نصيب ٿيندو. هن جي پرمارٿڪ سڌي ڪڏهين ڪين ٿيندي. من جي ڪمزوريءَ کي نشٽ ڪرڻ لاءِ، پراڪاري پرشن ٣ اُپاءَ ڏسيا آهن، انهن ۾ مکيه آهي آتم وشواس.

مکيا ماڻهو آتم وشواس جو پورو مطلب ڪين سمجهندا آهن. منش ڪڏهن ڪم جو اهوال ڀڏي ڪري، اهو هڪ مرڻ جو خيال ڪندو آهي. خيال ڪندي اهين سمجهندو آهي، ته هي ڪم منهنجي وس کان ٻاهر آهي ۽ منهنجي ليکي جو نه آهي. اُن ڪري اهو خيال، پنهنجي من جي ڪمزوريءَ سبب لاهي ڇڏيندو آهي. هي نه اهو سنسڪار ڪم.

آتم ڪمتر ۾ وڪه وڌائڻ لاءِ، ماڻهوءَ کي اهو خيال سنڀاليندو آهي، ته هي آتم احساس منهنجي ڪرڻ جو نه آهي، ڏکيو آهي. مان ڪيتري به ڪوشش ڪندس، ته اُن ۾ ڪامياب نه ٿيندس. اهڙا سنڌس ڪمزوري

تنهن پرمارٿ اُتي ڪرڻ نه ڏيندي. ڪماڻي پرشن جو
ٻار ٻار اهو چوڻ آهي، ته سنسارڪ خواهه پرمارٿ اُتي،
اهي نٿي ڪري سگهندا، جن جو آتم وشواس ٿڪي
ٻاڻي لي ٻيٺل آهي يا جهڪي پرش دري آتم وشواس
وڃن ٿا ۽ اپياس ۾ لڳا رهن ٿا. واس ڏيهن ايشور چنتن
ڪندا رهن ٿا. اهي آتم ساڪياتڪار نه ڪري سگهندا
۽ ايشور جو درشن نه پائي سگهندا.

هڪ ماڻهو پنهنجي پرشارٿ سان، جبل جي چوٽيءَ
تي پهچي، نشچنت ٿي پنهنجي موج ۾ ويٺو آهي. هيٺان
ڪيترا ٻيا ماڻهو ان کي سڏ ڪري ڪائن پڇن ٿا، ته
”اسين جبل جي چوٽيءَ تي ڪيئن پهچي سگهنداسين!“
انهن کي ضرور هو ڪين اهو جواب ڏيندو ته ”اسان مان
جيڪو جهڙو پرشارٿ ڪندو، جهڙي ڪوشش وٺندو،
ان سارو هو وڪ وڌائيندو، جي وڪ سندس ٿڪي هوندي،
ته جلد چوٽيءَ تي اچي پهچندو. ڍليءَ وڪ وارو گهڻو وقت
وٺندو، مگر پهچندو چوٽيءَ تي ضرور، بشرطيڪ هو
چوٽيءَ تي پهچڻ جو خيال ترڪ نه ڪندو. جي ڪو ٿڪجي
يا اداس ٿي مٿي چڙهڻ جو خيال ترڪ ڪندين، ته
سندس ڪنهن ڪماڻي ڪمت نٿي ويندي. آتم اپياس
ڪندي جوان خواهه ٻڍو، جيڪڏهين موت جو ٻڪ تڪر،
ته ان ڏس ۾ سندس ڪيل قدم يا ڪيل پرشارٿ وڃڻ
نه ويندو، ان جو ڦل هن کي ٻئي جنم ۾ ضرور ملندو.

پوءِ احساس ڪندي، مٿس جو دٻالت
وڌي ٿو، ته اهو پرش پوءِ پرشت سمجهڻ گهرجي. اهو
پنهنجو جنم ڪنهن سٺي پرش جي گهر ۾ وٺندو ۽ ان جنم
۾ وڌيڪ اڳتي وڌائي، پنهنجي اُنتي ڪندو.

ٻه ماڻهو آهن، جي ڀڳوت درشن لاءِ خواهان آهن،
پر ٻنهي جا خيال جدا جدا آهن. هڪ هيڏانهن هوڏانهن
سمبنڌ وٽ، سمبنڌن ۾ ڦري رهيو آهي ۽ اها
چاهنا رکي ٿو، ته ڀڳوت درشن ٿيم ۽ پيو چادر اوڍي
سمهي پيو آهي. ٻنهي جي وچارن ۾ وڏو فرق آهي.
ٻنهي ۾ بهتر اهو، جو هيڏانهن هوڏانهن ڀٽڪي رهيو
آهي. اُنکي ڪوشش ڪندي، ڪڏهن نه
ڪڏهن رستو ملي ويندو، پر جيڪو سورهي سمهي
پيو آهي ۽ رستي ڳولڻ جي ڪا به ڪوشش نٿو ڪري،
تنهنکي رستو ملندو ڪيئن؟ اهو ماڻهو ته، انڌو مارڳ
هلي رهيو آهي، جو چوي ٿو ته، ايشور درشن مسمس
۾ اڪيلو هوندو ته ٻاڻهي ٿيندو. اها ڳالهه، ائين ٿي ته
دهليءَ وڃڻ لاءِ ٻه ماڻهو خواهان ٿين. هڪ هيڏانهن
هوڏانهن رستو ڳولي، دهليءَ وڃڻ جو جتن ڪري ٿو
۽ ٻيو چوي ٿو، ته جڏهن ڪو ماڻهو اچي مون کي
ٻڌائيندو، ته دهليءَ ڏانهن هي رستو ٿو وڃي، تڏهن
مان اهو رستو وٺي دهليءَ روانو ٿيندس. اهڙو ماڻهو
دهليءَ ڪين پهچندو. انهي ماڻهوءَ ۾ چيو ته آمروشواس

ڪرائي. اهڙيءَ ڀاونا وارو ماڻهو، آتم ساڪشاتڪار تمام ڪين ڪري سگهندو. اهڙا ماڻهو ٻه ڀيا آهن، جن جا پورب جنم ۾ ڪيل شڀ ڪرم هنن کي پريرنا ڪن ٿا ۽ هنن کي اهڙي درجي تي پهچائين ٿا، جتان هو پنهنجيءَ ڀاونا موجب وڌ وڌائي سگهن ٿا.

پنڊت هجي، ڀلي ڌنوان هجي، غريب هجي ڀلي شاهوڪار هجي، هو ايڪانت ۾ ويهي ويچار ڪري، ته مان ڇا ڪري رهيو آهيان؟ هن جڳ ۾ ڇو آيس؟ هن جڳ ۾ اچي مون ڇا ڀٽي ڪيو آهي؟ جي سمجهي ته مان سٺا ڪم نه ڪري رهيو آهيان، يا اهي ڪم نه ڪري رهيو آهيان، جيڪي مون کي ڪرڻ کپن، ته هنن کي پنهنجو رستو ڦيرائي پاڻ سڌارڻ جا ڪم شروع ڪرڻ کپن. جي ائين نه ڪندو ۽ ايشور سمرڻ ۾ من نه لڳائيندو، ته انهيءَ سمي ڏاڍا غوطا کائيندو. ان سمي کيڙو ته ڀلي پشچاتاپ ڪندو، ته اهو ڪجهه ڪين ونيندو. ڌنوان دنيوي ڌن ڪمائڻ لاءِ سوين يتن ڪري رهيا آهن، پر سچي ڌن ڪمائڻ وارو سون هزارن ۾ ڪو ڪو ڳوليو لڀي.

ارجن ڀڳوان کان سوال ڪيو، ”ايشور ڪٿي ٿو رهي؟“ ”جواب مليس ته، مان تنهنجي هردي ۽ ديهه ۾ ٿو رهان. مان توکي اهڙو ويجهو آهيان، جنهنجي ڳولڻ ۾ توکي ڪو پنڌ ڪرڻو ڪونه پوندو.“ پنهنجي پاڻ

سڌارڻ جي ڪوشش ڪرڻ سان، ايڏو جو درشن اُرس
نصيب ٿئي ٿو.

ڪنهن ماڻهوءَ کا شيءِ وڃائجي هجي ته اُن جي
ڳولڻ لاءِ ڪوشش ڪندو هجي؛ پاڻ ۾ وشواس رکندو
هجي، ته اها لڀندي ته آهي، جو هو ڳولهي ڪم ۾
ڪامياب ٿيندو. سنسار ۾ جيڪي اُتم پرش ٿيا آهن،
سي به اسان جهڙا ماڻهو هئا. جيئن اسين پيدا ٿيا آهيون،
تيئن هو پيدا ٿيا. جيئن اسين پاڻي پيئي وڏا ٿيا آهيون،
تيئن هو به پاڻي پيئي وڏا ٿيا. پر هنن آتم وشواس جي
بل سان، اُتم پدوي حاصل ڪئي؛ اسان آتم وشواس
ڇڏي آلس ڪيو، انهن ڪري پٺتي پئجي ويا آهيون.

سنسار ۾ جيڪي به ماڻهو وڏن درجن کي
پهتا آهن، اُنهن کي ننڍي هوندي کان ئي ولي، اهو
پڪو ڀروسو؛ وشواس هوندو هو، ته جيڪي هڪ ماڻهو
ڪري سگهيو آهي، سو ٻيو ماڻهو ڇو ڪين ڪري سگهندو؟

What man has done, man can do.

ڪرڻ کي دروٽن چيو، ته "پانڊو لوڪي لوڀ لالچ
ڏيئي پاڻ ڏانهن ڇڪڻ جي ڪوشش ڪندا، مگر اون
ڪنهن به لوڀ لالچ جي ورغلائڻ چڙهڻ." انهن کي
ڪرڻ چيو ته "مهڏبو سڏائڻ اڏول آهي. مان اُن کي
ڪافر وڌندس."

پانڊون جڏهن ڪنتيءَ کي ڪرڻ ڏانهن اِن خيال

سان موڪليو، ۽ ڪيئن نه ڪنهن اهو راز سان ڪرڻ
کي ولي اچي؟ انهن ڪرڻ مالا ڪنتيءَ کي چيو، ۽
توکي ڇا گهرجي؟ هن چيس ۽ انعام ڪر ۽ جيڪي
مان توکان ڪرائڻ چاهيان ٿي، سو تون ڪندين. ڪرڻ
مالا جو وچن ڪيئن موٽائي؟ ڪنتي چوڻ لڳس ۽
”اوڻ ڪورون جو پاسو ڇڏي، پانڊون جي طرف هل.“
اها ڳالهه ٻڌي ڪرڻ منهنجي ٻئي وهيو. ڪرڻ ڏٺو،
۽ منهنجي مالا مون کان اڌرم ڪرائڻ ٿي چاهي. تنهن
تي مالا کي ادب سان چوڻ لڳو، ۽ ”اي مالا مون
ڪورون سان جو پرڻ ڪيو آهي، تنهن کان مان ڪيئن
ڦران! منهنجو اهو سڌانت آهي، ۽ پراڻ وڃن ته وڃن،
پر پرڻ اجايو نه وڃي. مان توسان هلان، پر ماڻهو ڇا
چوندا.“ تنهن تي ڪنتيءَ چيس ته ”اوڻ ماڻهن جي
چوڻ جو ڪو به خيال نه ڪر.“ تنهن تي وري به ادب
سان ڪرڻ مالا کي چيو ته ”ڪنتيءَ ۵ ور (پانڊو) پيدا
ڪيا ۽ هڪ ڪائنر (ڪرڻ) به پيدا ڪيائين، اها تنهنجي
ٽندا مون کان سٺي نه ٿيندي. ديا پالي تون مون کي
پنهنجي ڪيل پرڻ تي قائم رهڻ ڏي.“

اهڙيءَ طرح ڪرڻ، پنهنجي مالا ڪنتي جو اڌرم
جو حڪم ادب سان واري ڇڏيو، جيئن پرهلاد پنهنجي
پنهنجي پيءُ جي اڌرمي آگيائن تي ڪو به خيال نه ڏنو.

ڪنتيءَ جي نراس ٿي موٽي اچڻ تي، شري ڪرشن

ڀاڻ ڪرڻ وٽ ويو. هڪڙي گهڙي تائين ڳالهايائين، همدرديءَ
مٺيون ڳالهايائين، مگر ڪرڻ چيو ”انهيءَ لاءِ ڪو اهل
ڳوليو!“ ڀڳوان ڪرڻ کي پنهنجو وراٽ سروپ ڏيکاريو،
۽ ڀ ڪرڻ پنهنجي انجام لاءِ قائم رهيو ۽ شري ڪرشن
کي چوڻ لڳو ته ”اوهين ڪهڙي به ليلا ڪندا، ته به
مان اوهان جو چيو نه مڃيندس“، آخر ڪرشن مهراج
ڪرڻ جي ساراهه ڪندو واپس وريو. ڪرڻ وٽان ڪرشن
جو ٻاهر نڪرڻ ۽ ارساٽ جو پهچڻ. ٻاهر نڪرڻ لاءِ ڪرشن
ارجن کي چيو ته ”هي ارجن سڀ ڪاٺيون ڪٽي ان ۽
پيدا ڪر“. انهن لاءِ ارجن چوڻ لڳو، ”سائين پرساد
ڪري سڀ ڪاٺين جو ملڻ محال آهي“. اهي لفظ
چئي ڀڳوان جي آڳيا ڀالن ڪرڻ کان نڪتايائين. ان وقت
ڪرشن جي چوڻ لاءِ ڪرڻ هڪدم ٻاهر نڪري آيو.
اتي ڪنهن هنڌ سڀ ڪاٺيون نه ڏسي، پنهنجي
گهر جي ڇت ڪيرائي، انهن سڀ ڪاٺيون ڪڍي،
اچي ڪرشن مهراج اڳيان پيش ڪيائين. آخر ڪرشن
مهراج ڪرڻ لاءِ ڏاڍو پرسن ٿيو ۽ هڪڙي گهڙي آشيرواد
ڏنائين ۽ ارجن کي چيائين، ته ”ڏس هن سچي شرڌا
جي من ورتي. تون پرکيا ۾ ناپاس آهين ۽ هي پاس
آهي، تو ۾ آتم وشواس ڪونهي ۽ ڪرڻ ۾ آهي“.

هڪ سيٺ هوا خوريءَ لاءِ گهمندو ٿي ويو، ته
واٽ تي هڪ مست فقير گڏيس ۽ چوڻ لڳس، ته

"سيٺ صاحب پنهنجو ڪوٽ لاهي مونکي ڏيڻ لاءِ ڏي". سيٺ عجب ۾ اچي چوڻ لڳس، "اي فقير چريو ته ڪين ٿيو آهين. مان پنهنجو ڪوٽ لاهي توکي ڪيئن ڏيان! مان ڇڙيءَ خدمت ۾ گهر ڪيئن موٽي وڃان؟" تنهنتي فقير ورائي ڏنس ته "ڇگو جي ڪوٽ نٿو ڏين، ته هي منهنجو وچن ته ياد رک. تون هن دنيا ۾ باقي ٿورا ڏينهن مهمان آهين! ٻيهن ڏينهن تنهنجو موت ٿيندو". سيٺ اُن وقت ته فقير جي هٽ پارائي جو ڪوبه خيال ڪونه ڪيو. گهر اچي جڏهن ڪپڙا لاهڻ ويٺو، تڏهن فقير جي هٽ جي اچي ياد ڳيري پيس. رات ماني به برابر ڪانه وٺيس ۽ اچي اداسمندتا ۽ بيماريءَ گهيريس. سنڌس من تي فقير جي هٽ پارائي جو گهڻوئي اثر ٿيو هو. سويل صبوح جو اٿي، هيڏانهن هوڏانهن فقير جي ڳولا ڪرڻ لڳو. هو ته ملنگ فقير هو، الائي ڪيڏانهن هليو ويو. سيٺ ويتر پڙتو پوندو. گهڻيئي ڊرم ٻج ڪيائين، دوائون درمل ڪيائين، پر فائدو ڪونه ٿيس. ٽئين ڏينهن هو اچي سخت بيمار ٿيو. فقير چيو هوس، ته ٽئين ڏينهن شام جو ٦ بجي تون اَجل جو شڪار ٿيندين، سو گهڙيال ڪٽي سامهون رکايائين ۽ ويو گهڙيءَ گهڙيءَ وقت جاچيندو.

هڪ ٻاريسڙي، جنهن کي آدم وشواس ۽ اچا شڪتيءَ جي عجيب اسرارن جي پروڙ هئي، تنهن تجويز

ڪري، گهڙيال ۾ ساڍا ٦ ٿيندم ڪري، سيٺ صاحب
کي چيو، ”سائين هي فقير جو پاڻيو ته ڪوڙو نڪتو!
ساڍا ٦ ٿيا، ته لڳي ويا، پر ڪال ڀڳوان جا دوت توهان
کي وٺڻ ته ڪونه آيا.“ تنهن تي يڪدم اٿي ڏڙو ٿيو،
ته هاڻ ساڍا ٦ ٿيا، ته لڳي ويا. هن فقير تي، مون کي
ڪوڙو پاڻيو ڏنو. ڪيڏانهن ويئي سيٺ جي بيماري
۽ ڪيڏانهن ويو سندس موت جو ڀپ. اڇا شڪتي
ڪهڙا اسرار ٿي ڪري! من تي اثر ڪوڙ کي سچو
ٻري، ته ان جو ويچار ته ضرور ڪرڻ کپي. ڪوڙو هجي
ته ڪڍي ڪڍيس ٻاهر ۽ جي سچو هجي، ته ان موجب
هلڻ اختيار ڪجي، جيئن ڪم وڪار نه واڌهي وڃي.

هڪ ڀيري مولويءَ کي سندس شاگرد اچي ورائي
ويا. هڪ هڪ ٿي اچي چوڻ لڳس سائين اڄ توهان
جون اکيون ڳاڙهيون ڇو ٿيون آهن؟ تپ ته ڪين اٿو؟
انهن ڇڪي ڪو نبض پئو ڏسيس، ڪو پيرون پئو ڏنيس،
ڪو پئو چويس ته سائين دوا ڇونه ٿا ڪريو؟ مولوي
ويچارو واترو ٿي ويو. هڪ ٻئي ڏينهن جو ڇوڪرا کيس
ساڳي ڳالهه چوڻ لڳا، سو سچ پچ تپ اچي ويس.
آرسيءَ ۾ منهن ڏسي، ته اکيون به سچ پچ ڳاڙهيون
جهڙيون لعل هيون.

مون ٿي چڱيون چڱيون ڀاونائون چڱو اثر ڪن ٿيون.
اڀياس ڪرڻ وقت ته مون تي ڀڇهڙا سدا سدا

ڀاوَ وهار جن. من جي اندر جي سڀني ڀاوَنائون ڀرادون، ۽ من ۾ وڪالتا ۽ اي چٽٽي نه ٿيندي.

ايڪانت ۾ ويهي، پاڻ کي چٽي، "مان شد چيتن آهيان، مان من ذي روڪي سگهان ٿو، مان ايشور جو درشن ضرور پرائيندس." اهڙو ابياس سوي مدد ڏئي ٿو ۽ ماڻهو پرمارٿڪ اُنتي ڪرڻ ۾ فتح حاصل ڪري ٿو.

حيدرآباد ١٠ ڊسمبر ١٩٤٥

## اُپديش نمبر نائون

اڄ ڀالمڪ يا آذي ڀوتڪ ڳالهين جو سروڻ يا پڙهڻ، يا ويچار جسي، پورن ريت سان لاڀ ڏيڻ وارو تمام ڪين ٿيندو. چاهي اهو سروڻ آذ ڀالمڪ هجي، چاهي اهو سروڻ آذي ڀوتڪ هجي، چاهي اهو سنسارڪ يا پارمارٿڪ اُنتي ڪرائڻ وارو هجي، تڏهن به اُنهي منن ۽ ويچار هيٺ آڻڻ بنا ڪري فائدو ڏيڻ وارو نه آهي. پڙل ڳالهه يا اپديش تي ويچار ڪرڻ اُنوجب عمل ڪرڻ لاءِ، آلس تي جيت پائڻ گهرجي. آلس ذڪي جيتڻ جا سبب اُپاءُ، اوهان جگيائسو جن اڳيان رکيا ويـا آهن. اُهي اوهان مان گهڻن پڙهيا آهن ۽ ڪن اُهي لکيا بـه آهن. پڙهڻ سان گڏ سروڻ يا پڙل اپديش جو لکڻ ۾ اچڻ، فقط پڙهڻ کان وڌيڪ ثلدائڪ آهي. لکڻ سان اُن اپديش جي سمرتي يا يادگيري اُهي رهي ٿي.

آتم وشواس ڪيئن وڌي؟ دل جي ڪمزوري ڪيئن دور ٿئي؟ ڪيئن ماڻهو آتم اُنتيءَ ۾ وڌ، وڌائي؟ ڪيئن چت شانتي حاصل ڪري؟ اهي سڀ ڳالهيون اڀياس سان حل ٿي سگهن ٿيون. اڀياس سان من جي ڪمزوري دور ٿي سگهي ٿي. اڀياس ۾ وهڻ وقت، منش کي سندس من جون ڪيتريون ڪمزوريون اچي وڙهن ٿيون. اڀياس سمي من وشين ڏانهن ڊوڙي ٿو ۽ روڪڻ سان به نٿو روڪجي سگهي. انوقت اهـو وچار اچڻ ٿئي ٿو، ته اڀياس ڪندي، هيتري مشاڪت ڪندي من نٿو روڪجي، تڏهن اڀياس ڇو ڪجي؛ ڇو نه ڇڏجي جيءَ کي کا جفا نه ڏجي؟ من ۾ اُن ڪري اشانتي زور وٺي ٿي. من سڀاءَ ڪري چنچل آهي. اُنکي روڪڻ ڏاڍو ڪٺن آهي. سمنڊ کي روڪي سگهجي، واءُ کي قبضي ۾ آڻي سگهجي، مگر من کي وس ڪري ڪين سگهبو.

هڪ منش جو چوڻ آهي، اسان جيڪڏهن ڪو چوي، ته هاٿيءَ کي ڪچيءَ تند سان جڪڙي ڏيکار، ته هاٿيءَ کي ڪچيءَ تند سان جڪڙي سگهبو؛ ڪو چوي ته اگنيءَ تي سمهي ڏيکار، ته اُن به ڪري سگهبو؛ ڪو چوي ته پاڻيءَ مٿان يا پاڻيءَ هيٺان سمهي ڏيکار ته اُهو به ڪري سگهبو، پر هي من جو مست مست ۾ پيو نچي ڇڏي، تنهنکي وس ڪرڻ بلڪل اسنڀو آهي.

انهن ۾ نه ٿي ٿو، نه اڀياس ڪندي، من الائي
ڪيڏانهن جو ڪيڏانهن ڀڄو ڀٽڪي. من کي اڀياس ۾
هڪ ٽڪو لڳائڻ لاءِ، رشين منين ڪيترا ڪارگر اپاءَ
ڏسيا آهن. جڏهين سمساري ڪمن ۾ من هڪ ٽڪي
ڪرڻ سان سوڀ حاصل ٿئي ٿي، اسين ڌرمي اڀياس
ڪندي، من هڪ ٽڪي لڳائڻ سان گهڻو ئي
فائدو ٿيندو.

من هٺ ڪري ٿو، من ايمان ڪري ٿو، من
ڀٽڪندو ئي رهي ٿو، من ڀڄي وڪارن وس ٿئي
ٿو ۽ جڏهين منش انهيءَ ڪيڻ جو جتن ڪري ٿو،
تڏهين ڪامياب ٿيو ٿئي. اسانجو فرض آهي، ايشور
ڀڳتي ڪريو، اپاسنا ڪريو، اڀياس ڪريو، ته من ايڪاگر
ٿئي، ڀٽڪڻ ڇڏي، وڪار ڪڍي ۽ اندرين کي روڪيو.

ڪيترن جگياسين جو من اڀياس ڪندي جڏهن
ڀٽڪڻ لڳي، هو وڪارن کي ڪڍي نه سگهن ۽ اندرين
کي روڪي نه سگهن، تڏهين هار کي ڇڏين ٿا. نه انهن
آتم بل، نه انهن آتم وشواس ۽ نه انهن ڀڄو ڪو رستو
من کي روڪڻ جو، هن من ته اسانکي ورتن ۾ ولائي
ورتو آهي. اهڙا ويچار ڪندي، ڪيترا انسان ايشور
جي هستيءَ مان ايمان وڃائي، ناستڪ بڻجو پون. رشين
منين پنهنجي شخصي آزمودي مان ڏنو ته:-

۱- آم اڌڪاري، من نسي سهولت سان قبضو

ڪري سگهن ٿا.

٢- مذهب اڳ ڪاري، تڪليف ۽ مصيبت سان ڪجهه قدر من وس ڪري سگهن ٿا.

٣- ڪنشٽ اڳ ڪاري من تي قبضو ڪري نه ٿا سگهن.

ڪنشٽ اڳ ڪارين کي من جي چنچلتا دور ڪرڻ لاءِ:-

١- پراڻايام ڪرڻ گهرجي، پراڻايام ڪرڻ سان اندرين جا دوش سڀهي يا رفته رفته هليا وڃن ٿا ۽ منش پنهنجو اڀياس سهولت سان ڪري سگهي ٿو. اڀياس ڪندي جهڪا اڇا ڪري ٿو، سا سندس اڇا پورن نٿي ٿي. اڀياس ڪندي ڏسجي، ته من ڪهڙي طرف ٿو ڊوڙي؟ جڏهن ڪنهن به پاسي ڊوڙي، ته سامهون ڀڳوان جي مورت ڏٺي وڃيس، ته ڀڳوان جي ياد گيري ۽ من هڪ جاءِ ٿئيس. اڀياس ڪندي ڪندي ٿڪجي نه گهرجي. ڪنهن به ڌرم جي گلا نه ڪجي. ڌرم جو سچو ۽ سڌو رستو هڪڙي آهي. اُن سچي رستي تي هلڻ ڪري سچي شانتي ملندي.

ڪيترا ماڻهو پرشارٿ ڪندي به، منزل مقصود کي نه ٿا پهچن، تنهن جو ڪارڻ اهو آهي، جو هو جهڪو رستو وٺي هلي رهيا آهن، سو ٺيڪ نه آهي. انهي

لن لاءِ پراڻايام بلڪل ضروري آهي. سڀني پراڻن جي ورتي جدا جدا آهي. ڪو ڇا ٿيڻ ٿو چاهي، ته ڪو ڇا ٿيڻ ٿو چاهي ۽ ڪي ساڪار جي پوڄا ٿا ڪن، ته ڪي نرآڪار جي. ساڪار جي پوڄا، اُنهن پراڻن لاءِ چڱي آهي، جن جو چت نرآڪار ۾ نه ٿو لڳي. وستو هڪ ئي آهي، پر سندس هڪ سروپ آڪار وارو ۽ ٻيو آڪار رهت آهي. ساڪار جو درشن، هڪ امرت جو ذائقو وٺڻ آهي. نرآڪار جو درشن، آهي نرآڪار ۾ لين ٿيڻ.

هڪ ڀڳت پرش چوڻ لڳو، ته ڌرم، ارٿ، ڪام ۽ موڪش پنهنجن انهن چئن پدارن جي سڌ ٿيڻ کان، مان پنهنجي مني مالڪ ۾ لـولين ٿيڻ وڌيڪ پسند ڪريان ٿو، ته ڀڳوان نت وِيرت مون کي ڏيندو رهي ۽ مان ڀڳوان کي ڏيندو رهان ۽ مان آوا ڳون جي چڪر کان هميشه لاءِ ڇوٽڪارو پايان.

جو منش نرآڪار پرميشور کي، ساڪار روپ ۾ ڏسڻ ٿو چاهي، تنهن کي پراڻايام ضرور ڪرڻ کپي. وويڪ ۽ ويچار سان، من جي اهڙي اسٿتي اچي ٿي، جو جيو پاڻ کي برهم سمان سمجهي ٿو.

سڀڻ ۽ من بعد، جڏهن نڌ ڏيان جي رستي ابياس ۾ لڳو رهي، تڏهن منجهي چڙهيو وڃيو ۽ هيٺ ڪرڻ جيو ڪو، ڏپ ڏاهه، نه رهندو. سمرڌم لاءِ،

ابهياس ۾ اٽل ٿي رهڻ کپي.

ڪيترا رشي مني گرهستي هئا. گرهست ۾ رهندي به هو گرهست جا نيم پالي ۽ ڪار پالن ڪندا هئا. گرهست ۾ رهندي به برهمچرج جو پٽا يوگ پالن ڪندا رهيا. يوگي، تياڳي ۽ گرهستي، انهن کي پنهنجا پنهنجا نيم پالن ڪرڻا آهن. جنهنجا راڳ، دويش هٽي ويا، سو ڪهڙي به اوستا ۾ هوندو، ان پنهنجو ڪرم ڌرم، پورن ريت سان پالن ڪندو. در حقيقت تياڳي ايترو جلد واڌارو ڪري نه سگهندا، جيترو نيم پالن ڪندڙ گرهستي. پراڻايام ته يوگي، تياڳي ۽ گرهستي انهن لاءِ ضروري آهي.

آتم ابهياس لاءِ ڌيان، پراڻايام ڪجن. انهن ڪري آتم وشواس وڌندو، بل وڌندو ۽ بدي سوکم ٿيندي.

آتما جا پردا هٽندا ۽ آتم گيان ٿيندو.

من جي اهڙي اوستا ٿيندي، جو سڀو آنند پيو ايندو.

## آتم وشواس لاءِ.

۱- پراڻايام ۲- ابهياس ۽ ۳- سچي ڀاونا ضروري آهن.

انوسندان- سچي شانتي حاصل ڪرڻ لاءِ، سنت پدارٿن جو گرهڻ ڪرڻ کپي، چاڪاڻ جو پيٽ ۾ نٿو پوي، ان ڪهڙن سببن ڪري بدي وڪار پاڻ کي وڃي ٿي رسي.

انهي وحدي ابهور کي اهاني آوازنا ڪٿي، نه هي ابهور مهر ڪري، جو وڪار موڙيڪي هلائي نه ڪن. منهنجي پڌي سڀ پدارٿن ڏانهن وڃي ۽ سڀ پدارٿن ۾ تي لڳي رهي، اهڙي پدارٿن جو رنگ نه لڳيس. گائتري منتر ۾ پڌيءَ جي سڌاري واڌاري لاءِ تي پرارٿنا ڪيل آهي.

اڄ ڪلهه جي سکيا شِکيا نه آهي، پر ڪُسکيا.

جهڙي سکيا مان چار پدارٿ ملن، سا سچي سکيا آهي. اڄ ڪلهه جي سکيا، ڌرم ۽ موکش جو ڪوبه رستو نٿي ٻڌائي. فقط ارٿ ۽ ڪام ۾ واڌارو ڪري ٿي. انڪري اڄ ڪلهه جي سکيا مان سچو فائدو نٿو ٿئي. دنيا ۾ جيستائين اُلٽ سکيا نه ملندي، تيستائين دنيا ۾ سچي شانتي ڪڏهن ڪي ڪانه ملندي ۽ انوسڌان يا سڀ اسٽ جو وبهار ڪيئن ڪري سگهبو؟

حيدرآباد ١١ ڊسمبر ١٩٢٥

## اُپديش نمبر ڏهون

سڀ سنگ هڪ ڪلپ برڇ آهي. هڪ پرڪار جو اُپديشامبرت آهي. اُپديش کي ٻڌي (ڪريءَ) سان سمرن ڪبو، ته اهو سڪيارٿو ٿيندو ۽ گيان جو لاڀ ٿيندو. گيان حاصل ڪرڻ لاءِ سادن ڪرڻ کپن. نرو ڪلپ سماڌيءَ ۾، آتما کان سواءِ ٻي ڪا به شيءِ نٿي رهي.

ڏارنا ۽ ڏيہان قائم رکيو، ساڌن ۽ سڌن سان اُهڙيءَ جو پان ڪيو، ته ڪهان ضرور لاڀ ٿيندو. ڪهان ڏانسواهه، مڪتي ملڻ مشڪل آهي. ساڌن جو سڀون ڪهڙن پرڪارن سان ڪجي؟

١- آلس جهڙي اياڳي ٻدا آتمڪ ۽ سنسارڪ اُنتي نه ٿيندي.

٢- انوسنڌان ڪرڻ- جهڙي ٻڌ جي لڏهجو ويچار ضرور ڪجي. ٻدا ويچار جي سچو واڌو ڪيئن حاصل ٿيندو؟

ڪيترا ماڻهو اڪثر ڪري اهڙن چوندا آهن، ته اسين ڌرمي وياکيائون، هري چرچا، ۽ اُپديش وغيره ۾ وقت انهيءَ لاءِ ٻڌون ٿا، ته من ڪهڙن ـــ ڪهڙن پرڪار سچي شانتي ۽ گيان نصيب ٿي ٿئي؛ سو فقط ٻڌڻ سان سچي شانتي ۽ گيان ڪيئن ملندا؟

ڪرستانن ۽ مسلمانن جو، پنرجنم ۾ اعتقاد ڪونهي. مگر اسان هندن جو اُهو دڙهه اصول آهي. ڌرمشاستر جهڙو آتما جو جنم نه اڳي ٿيو آهي، ۽ نه هاڻي ٿئي ٿو؛ منش جهڙا ڪرم ڪندو، اهڙو ئي ڦل پائيندو. انسان، ڪا ساڌارڻ ڳالهه، ٻسبت واقفيت حاصل ڪري ٿو، ته پالڻهن ٿو، ته جيڪي مون سمجهيو آهي سو سورهن آنا ٺيڪ آهي. ورري ڪو ذانس وڌيڪ ٻڌي مان پرش ڪهس درست ڪري ٿو، ته پنهنجي ڳالهه کي سڌ ڪرڻ لاءِ،

ٻڌڻ ڪري ٿو. ان قسم جو ايمان هڪ وڏو وڪار آهي. ان ايمان ڪري ئي، ته ماڻهن جي من ورتين ۾ هيترو تفاوت ٿي پيو آهي. پدارٿ ساڳيو، مگر اُن پاڻس هر ڪنهن جو راهو جدا جدا، ڇاڪاڻ جو هر ڪنهن انسان جو سڀاءُ جدا جدا آهي. ٻاڙ ۾ ڀيد ٿي سگهي، مگر گيان ۾ تفاوت نه ٿيندو. ڳائين جا سڀاوَ ٻيا قسم جدا جدا ٿين، مگر سندن کير ۾ ڪو تفاوت ڪونه ٿئي.

اڄ ڪلهه جي فلاسفرن جو ڇوڪ آهي، ته منش مرڻ بعد منش ٿي ٿيندو. اسان هندن جي فلاسفيءَ موجب، منش پنهنجن خراب ڪرمن ڪري نيچ جوڻيون پائيندو ۽ اُتم ڪرمن ڪري اُتم جوڻيون پائيندو. مذهب ٿي پيا آهن گهڻا! ماڻهن جا خيال ايشور بابت ٿي پيا آهن جدا جدا. جدا جدا خيالن ڪري ماڻهن ۾ مونجهارو ٿي پيو آهي. ان مذهبن جي مونجهاڙي ڪري، ڪيترا ماڻهو ناستڪ ٿي پيا آهن. اڳي راجائون ڌرم ڪرم تي زور وجهندا هئا، ته رعيت به ڌرم پالن ڪرڻ، پنهنجو فرض سمجهندي هئي. اڄ ڪلهه جو راجا آهي ٻئي ڌرم جو اُن کي اسان جي ڌرم ڪرم جي ڪهڙي خبر؟ سچي شانتيءَ حاصل ڪرڻ لاءِ، اندر مان سڀ وڪار ڪڍڻ کپن. اهي وڪار ڪهڙا آهن، انهن جي سچي خبر انهن جي پاڻ کان سواءِ، ٻئي ڪنهن کي ڪين پئجي سگهندي ان ڪري جي اسين چاهيون، ته سچي شانتي

اسان کي نصيب ٿئي، ته اسان کي ايڪانت ۾ ويهي ويچار ڪرڻ کپي، ته ڪهڙا ڪهڙا ڪار اسين اندر ۾ ساندي رکي ويٺا آهيون؟ انهن مان هرهڪ ڪيئن پنهنجي اندر مان ڪڍيون؟ انهن مان هرهڪ کي پنهنجي اندر مان ڪڍڻ جي جڏهن سچي ڪوشش ڪجي، تڏهن آهستي آهستي من جا وکيپ اکري ويندا. باقي رهيو ڪهڙو ٿورو آتما لاءِ چڙهيل آوڙڻ، سو به ابياس سان اکري ويندو. ابياس به ڪارگر تڏهن ٿيندو، جڏهن پنهنجي پاڻ تي ڪرپا ڪجي. ڪرپا ٽن قسمن جي آهي:

١- آتم ڪرپا ٢- گرو ڪرپا ٣- ايشور ڪرپا.

آتم ڪرپا مول ڪرپا آهي. جيستائين اسين پنهنجي پاڻ کي، مدد ڪرڻ لاءِ تيار نه ٿيا آهيون، تيستائين گرو بلڪ ايشور ڪهڙي مدد ڪري سگهندو؟

God helps those who help themselves.

آتم ڪرپا جو هڪ عمدو مثال آهي رس خان ڪابل جي هڪ امير جو. هو هڪ ونراڳ وراڳي وارو پرش هو. هو ايڪانت ۾ ويهي پاڻ کان پڇڻ لڳو:-

هي سنسار ڪنهن بڻايو؟ مون کي ڪنهن پيدا ڪيو؟ مان ڇو هن دنيا ۾ آيو آهيان؟ مون کي هن دنيا ۾ رهي ڪهڙو ڪم ڪرڻو آهي؟ آخر مون کي ڪيڏانهن وڃڻو آهي؟ مون کي سچي شانتي ڪيئن ملندي؟ ڪهڙي طرح مون کي ڀڳوان جو درشن ٿيندو؟ وغيره وغيره.

رس خان سٺو ڄڻيائو هو. هن مٿيان سوال ڪابل
جي ڪيترن مولوين کان پڇيا؟ پر خاطر خواه جواب نه
مليس. دل ۾ چورڻ لڳو، ته مولوين جي عقيدي موجب،
موت بعد، منهنجو روح ته بدن سان گڏ، قبر ۾ پوريو
پيو هوندو. ان ڳالهه هن کي وڏي مونجهاري ۾ وڌو.
ملا مولوي ۽ پنڊت پراهڻ، جي اڪثر ڪري پاڻ ڌرم
ڪرم کان پوري طرح واقف نه آهن، سي دنيوي ماڻهن
کي گمراهه ڪن ٿا ۽ انهن جي گس مٿ گم ڪن ٿا،
جنهن ڪري انهن کي پرمارٿي ڳالهين ۾ وڏو ڌڪ
رسي ٿو. اهو ئي ڪارڻ آهي، جو هيترن ست سنگن
هوندي به سوين ست سنگي سالن جا سال ست سنگ
ڪندي به، پنهنجي هلت چلت سڌاري نه سگهيا آهن
۽ نه ڌرم ۾ ڪا وڌ وڌائي سگهيا آهن. اهڙا ماڻهو جنم
مرڻ جي چڪر کان ڪيئن ڇوٽڪارو حاصل ڪندا؟
انهن جي هلت چلت، هنورتي ۽ رهڻي ڪهڻي مان،
اها ڳالهه پڌري پٽ ثابت ٿئي ٿي، ته انهن ست سنگ ته
ڪيو، مگر ست سنگ جو رنگ انهن کي نه لڳي نه لڳو!
ڪارڻ اهو، جو انهن پاڻ لئي آتم ڪرپا نه ڪئي.

جن جگياسن جي اندر ۾ شرڌا آهي ۽ آتم ڪرپا
کان به ڪم وٺن ٿا، ان کي ست سنگ مان فائدو ضرور
رسندو. انهن لئه آهي، ته پرارٿنا ڪرڻ ڪري، ڪن
ست سنگين کي ست سنگ مان ارس فائدو رسيو وڃي.

ان ڪري چيو اٿن:-

تلسي سنگت ساڌ ڪي - ڪٽي ڪوٽ اپراڌ

ست سنگ ڪندي، پڙهل ڳالهين تي هلڻ ڪري پنهنجي پاڻ جي پرکيا وٺڻ سان، آتم ڪرپا اختيار ڪرڻ سان، ست وستو اوس نصيب ٿيندي، جيئن رس خان مولون جي سمجهائيندڙ ڳالهين کان نراس ٿي، آتم پاڻ ڌارڻ ڪري، ايشور جي شرڻ ويو ۽ ايڪانت ۾ وڃي پرارٿنا ڪرڻ لڳو ته، ”هي منهنجا مالڪ، هيترن شڪاين مونکي اچي ورايو آهي. مونکي سڀني رستي لڪائڻ وارو نظر ڪونه ٿو چڙهي. مون تي اهڙي ڪا ڪرپا ڪريو، جو منهنجون شڪايون به نورس ٿين، لوهاڻو دوشن به لاڀ ٿيم“. ايشور کي سرو شڪتيوان سمجهي، ارجن وانگر، رس خان به ايشور جي درگاهه ۾ روز اها پرارٿنا ڪندو رهيو. ايشور کي سڀ ڪجهه، اهڙن ڪمائين ۽ نيڻان چت ٿي، سندس آتما، ڀڳتي ڀاءُ ۾ ڀڄل رهيو ڪيترو پرشارٿ ڪمائين، مگر پنهنجي مٺو ڪامنا حاصل ڪري نه سگهندو. پارس پٿر لوهه کي لڳڻ سان، لوهه کي به سونو ڪري وجهي، پر جي لوهه تي ڪو ڪچڙو يا پردو ويڙهيل هوندو، ته پارس پٿر جو مٿس ڪهڙو اثر ٿي سگهندو؟ رس خان جي آتما تي ڪي ڪوش چڙهيل هئا، ان ڪري هن جي مٺو ڪامنا پوري ٿي نه سگهي. پرشارٿ ڪري سچيءَ دل سان نام جپڻ،

سنتوش ڪري، ڌيرج ڌاري سان گڏ پرشارٿ ڪندي ڪندي، پورب جنم جي پرڀاو سان، جڏهن ڀاڳ ڏانهن ئي ايندو آهي ۽ پرالبڌ ڪرم ڦل ڏيڻ لاءِ تيار ٿيندو آهي، تڏهن مقصد ثابت ٿيندي آهي ۽ جنهن جي وراثت ۾ ڦيرو اچي ويندو آهي.

جڏهن رس خان شڪتي هين ٿي، هڪ رات جو بستري تي سمهيل هو، تڏهين رات جو هڪ خواب ڏٺائين. خواب ۾ ڇا ٿو ڏسي، ته هڪ جهڙ سامهون بيٺو آهي، مگر سندس اُٺ ساٿس ڪونهي. سو عجب ۾ پئجي هنڪان پڇڻ لڳو، ته ”ڀائي تنهنجو اُٺ ڪٿي؟ اون ڪٿان ٿو اچين“؟ جنهن جواب ڏنو ”سائين اُٺ وڃايو اٿم. هتي اُنکي ڳولڻ لاءِ ڀٽڪي رهيو آهيان“. رس خان پڇيس ”بابا اُٺ کي محلات ۾ ڪيئن ٿو ڳولين؟ اُٺ ته وڃي جهنگل ۾ ڳول“. تنهن تي جنهن وراڻي ڏنيس ته ”هي جيئندا ڦبلا، توهين ايشور ڪسي، ته ته تڏهين جهنگل ۾ وڃي ڳوليو. محلات ۾ ته ڪڏهين مالڪ جو درشن ٿيو آهي؟“ ان جواب ٻڌڻ تي رس خان جي اک کلي پئي ۽ جنهن جي سچي واري صلاح ڪٿي ڳڻيو ٻڌائين. صبوح جو سويل تي جهنگ مڌهن ڏانهن روانو ٿي ويو ۽ وڃي ايشور چنتن ڪي لڳو.

رس خان اُم اڌ ڪاري جيئان، ايشور جي اشاري تي راڄ ڀاڳ، ڌن دولت، مال ملڪيت، عيال اولاد ۽ سنساري سڀ پدارٿ ترڪ ڪري، آباڳي ٿي، اچي

ٻڌرائن ۾ ڪرشن ڀڳتيءَ کي لڳو. مندر جي پوڄارين، رس خان کي مسلمان ڄاڻي، ڪرشڻ مهراج جي درشن ڪرڻ کان ڪيترا دفعا محروم رکيو، مگر رس خان جو دل نشچو هنکي سهائتا ڪرڻ لڳو. هو واسطو ڪت همت ڪرڻ لاءِ، واس ڏيهن سک، ڦٿائي ارڦندو رهيو. ڪنهن وقت ايشور جي پرارٿنا ڪندو رهيو، مالڪ جي مهر لاءِ واجهائيندو رهيو. پرارٿنا اهڙي طرح ڪندو رهيو، جيئن سندس دل جو سرور گھٽجي ۽ ايمان وڌندو رهيو. پرارٿنا ۾ اها ئي وينتي، ته، هي مرليڌر مهراج مونکي پاڻ کان جدا. مونکي شڪ ڪر، پنهنجي چرڻن ۾ لڳائيندو مان الپگيه جيو آهي. مان اسمرت آهيان. تون مون تي ڪرپا ڪر. اهڙي پرارٿنا هنجي اندر مان جڏهين نڪتي، انڌهين چتربڄ سروپ جو درشن ٿيس! اگرچ هو مسلمان!! مگر سچي صدق، پريم ۽ نمرتا پٺ سان مرليڌر مهراج هنکي پنهنجو ڪندي وڌرمڻي ڪانه ڪئي،

هن وٽ نه ذات پات جو ڪو پڇڻ ٿي ڪونهي.
هنکي نه ڪنهن دل جي سچي پاونا.

پاونا جا پيارا ڀڳوان هرڪنهن کي ٿو ڏني.

سو جي اوهان مان به ڪو، رس خان وانگر مرليڌر مهراج کي همت ڪرڻ لاءِ، سا ڪيا اپاءَ وٺندو، ته ضرور وڃي منزل مقصود کي پهچندو.

حيدرآباد ١٣ ڊسمبر ١٩٤٥

## اُپديش نمبر يارهون

ست سروپ سوامي ماڌوانند جي مهراج جن حيدرآباد جي ڪمرشل ڪاليج ۾، ١٣ ڊسمبر ١٩٤٥ شام جو جهڪا وياکياڻ ڪئي، تنهن ۾ هيٺين هيٺينءَ وچن فرمايو:-

پيارن جي جيون جو مکيه مقصد، شاسترڪارن اُڌ، آتمڪ اُنتي ڏيکاري آهي. اها اُڌ، آتمڪ اُنتي ئي آهي، جا انسان کي چت جي شانتي بخشي ٿي. اها اُنتي هڪ مشڪل ڳالهه ڏسڻ ۾ اچي ٿي. ڪاٿي ڳالهه کهڙي به ڪٺن هجي، پر اُن تي پهچڻ لاءِ توجهه ڏبو ته ضرور سمجهه ۾ اچي ويندي. هيڏانهن ڪا سولي ۾ سولي ڳالهه هوندي، ته به اُن جي لاءِ خيال نه ڏبو، ته اها به سمجهه ۾ اچڻ مشڪل ٿي پوندي.

اڄ اسان کي ايشور جي هستيءَ بابت اوهان کي ڪجهه ٻڌائڻو آهي. انهيءَ ساڳئي وشيه تي وياکياڻ ڏيندي، حيدرآباد دکن جي اسلاميه ڪاليج ۾، ڪيترن شاگردن سان پرشنوتر ڪندي، رات جو ڏهين بجي کان وٺي صبح جو ۴ بجي تائين اسان کي ويهڻو پيو. آخر اها ڳالهه پوري ريت شاگردن کي ذهن نشين ٿي، ته هن ساريءَ سرشٽيءَ يا ڪائنات جو رچيندڙ هڪ سروشڪتيمان ايشور ضرور آهي.

ڪنهن نه ٻئي جو اثر ڪندو، نه اوهانجي آتمڪ ٻڌي زور نه وٺندي.

اسان اوهانکي مٿي ٻڌايو آهي، ته جهڙيءَ طرح سورج ۽ چندرما آڪاس ۾ نئون نئون ٻڌل چڪر هڻن ٿا ۽ انهن چڪرن هڻڻ ۾ ڪا به غلطي ڪانه ٿا ڪن، تهڙيءَ طرح اهي اسانجي هن شرير ۾ به چڪر هڻن ٿا. سج مان هزار ڪرڻا نڪرن ٿا. سج جي ٻارنهن ڪرڻي پورڻ ڪري اسانجي شرير ۾ Materialism دنيوي وک، پٽڻ جو مادو پيدا ٿئي ٿو ۽ سج جي سٺن ڪرڻي پورڻ ڪري روحاني اثر نيڻ لڳي ٿي. چئبو ته ٻارنهن سج جي ڪرڻي ٻا اروري کي Material ray ۽ سٺن کي Spiritual ray سڏي سگهجي ٿو. اسانجي پارس ديس اسي سج جا ٢ Material rays ڪلاڪ ۽ ٢٢ Spiritual rays ڪلاڪ پون ٿا. يورپ ۾ ملڪ ريل جو ٻيو ٻارنهن نمبر ۾ جرمنيءَ اي، ٽيون نمبر ۾ آميريڪا اي ۽ ٿين نمبر ۾ انگلنڊ اي پوي ٿو، تنهڪري سڀني اثر انهيءَ نموني نمبروار ليندي رهي ٿي.

اها اسانکي خبر آهي، ته ڌرتي سج جي چوڌاري پنهنجي ساليانو گردش، ٣٦٠ ڏينهن ۾ هڪ سال پوري ڪري ٿي. تنهڪري ڌرتيءَ جي سڀني پاڱن کي سج جي شعاع مان واري وٽيءَ تي لنگهڻو پوي ٿو. ڌرتيءَ جا ڪي ڀاڱا آهن، جن ۾ سج جا ڪرڻا

سڏا پون ٿا، ڪي ڪي ڀاڱا آهن جن ۾ ٿورو پاسرا ۽ وري ڪي ڪي ڀاڱا آهن، جن ۾ تمام پاسرا پيا لڙهيل پون ٿا. ڪي ڪي ڀاڱا وري اهڙا آهن، جتي ڇهه ڇهه مهينا ساندهه سج جا ڪرڻا پهچي ڪين سگهن.

اولهه جي ملڪن جهڙوڪ يورپ، آمريڪا، آفريڪا وغيره هنڌن ۾، سج جا Spiritual rays ٿوري وقت لاءِ پون ٿا، تنهڪري اُنهن ڪنڊن ۽ ملڪن جا ماڻهو روحاني ترقي ايتري ڪري نه سگهيا آهن. انهيءَ ڪري يورو پورو ايشوري گيان تي ڪين سگهندو، پر دنيوي ڳالهين جي ترقيءَ ۾ ساڻن ڪو مٽ پڄي نه سگهندو.

منو مهاراج پنهنجي شاستر ۾ لکيو آهي:-

”هي جيوؤ! جي اوهانکي روحاني ترقي ڪرڻي آهي، ايشوري گيان حاصل ڪرڻو آهي، ته هندستان جي ڌارمڪ ماڻهن يا رشين منين کان سکو“. شاسترن ۾ لکيل آهي ته سوامي ڪارلڪ شو جو پٽ، يورپ طرف جرمنيءَ ۾ ويو، ڌرمي سکيا ۾ وڪهه وڌائڻ جي ڪوشش ڪرڻ لڳو، مگر نا اميد ٿي موٽيو.

جدا جدا ملڪن، ديسن ۽ ڪنڊن جي ماڻهن جي سڀاوَ، چمڙيءَ، ڇهڙي، بدن جي بيهڪ، بدن جي بناوت ۽ من ورتيءَ ۾، سج جي ڪرڻن جو جدا جدا اثر پوي ٿو. هندستان جي ڳالهه، رڳو ڪشمير جا ماڻهو

اڇي چمڙي وارا ۽ سهڻي شڪل وارا، پنجاب قنڌار ۽
جانٺا، گوروڙا پنڊرا، ڏکڻ هندستان جا ماڻهو ڪاري
چمڙي وارا وغيره وغيره، اهي سڀ سج جي ڪرڻن
جي پڻ پڻ تاثيرن ڪري ٿيا آهن.

چيني ۽ جپان جا ماڻهو روحانيءَ مان چار آنا روحاني
راز سمجهي سگهندا، ڇاڪاڻ جو اُنهن ملڪن ۾ سج جو
پهرين ۽ سڌون اثرو ڪسيرو هوي ٿو.

آمريڪن ماڻهو دنيوي خواه روحاني راز کان محروم
رهن ٿا، جو اُتي پهرين ۽ سڌون سج جو اثرو
نٿو هوي.

جرمنيءَ جو وڏي ۾ وڏو سنسڪرت جو ودوان
۽ فيلسوف ميڪس مُلر نالي اسانجا ڪتاب پڙهي،
روحاني راز ۾ متاثر ڪندي ڪندي، آخر انهن
چوڻ لڳو، ته اسانجي مغز جي بناوت هڪ نموني جي،
پارسين جي مغز جي بناوت ٻئي نموني جي آهي. جتي
وري سج جو اثرو ٿورو پيو، جهڙوڪ:-

عربستان، آمريڪا وغيره، ته اُتي روحاني سڌارو
نيڻ محال آهي.

يوروپ لوڪ ڪانسنٽريشن (Concentration)
ڪن سنسارڪ اُتي جو ۽ پڻ ملڪن تي فتح پائڻ لاءِ
ڪي نمونا رکن ۽ اسانجا رشي مني ايڪانت ۾ وڃي

انسان ذات کي شانتي ڏيڻ، وڏيا ڦهلائڻ، اخلاقي ۽
ڌرمي پيچرن ۾ وک وڌائڻ جا پڻ پچائين.

جو ماڻهو جنهن هنڌ پيدا ٿئي ٿو، ان هنڌ جي
آس پاس جي حالتن، قدرتي حقيقتن، سج، چنڊ ۽
گرهن جو اثر مٿس پوي ٿو.

جنهن صورت ۾ اسين اهڙي هنڌ پيدا ٿيا آهيون،
جنهن هنڌ سج جي ڪارائتن ڪرڻن جي اثر هيٺ اچي،
اسين روحاني ترقي سهوليت سان ڪري سگهون ٿا؛
تنهن صورت ۾ اسان مان هرهڪ جو فرض آهي، ته
اسين سنت ۽ اسان پيارن کي سندن سچي صورت ۾
ڏسڻ جي هرڪا ڪوشش ڪريون. جيڪا جيڪا وستو
اسين ڏسون ٿا، تنهن جو سندن نج سروپ ۾ اپياس
ڪريون. جيڪي اسان پيارا آهن، سي ڪڏهن به
سمجهي نه سگهندا. سچو وگياني اهو، جو هرهڪ تتو
جو اپياس پوري ريت سان ڪري.

چپڙو يا الو پيون کڙيون ٿي، ڳالهيون پڌائي، ته
پڌوس، پر جي چوي ته سج آهيئي ڪونه، ته اها ڳالهه
اعتبار ۾ نه آڻيوس، جو هو سج اکين سان ڏسي ٿي
ڪري. پوروپاي اولڪن جون به پيون ڳالهيون ڪٿي اعتبار
۾ آڻيون، پر جي چون ته ايشور آهيئي ڪونه، ته ان تي
اعتبار نه ڪريو، ڇاڪاڻ جو انهن کي قدرت جي نئم
انوسار ايشوري پورو پورو گيان ڏيڻ محال آهي. جا شيءِ

جوڙي آهي، انهن شيءِ کي اهڙو ورتن ڪرڻ ۽
لوڙو سمجهو.

سورج ديوتا ته سڀني وڏين شين کي پيدا ڪندڙ پرڀاءُ
پيدا ڪري ٿو. سورج جي ڪرڻن جي اثر ڪري انسان
جي بدن کي ڪيترن ئي وڏي، انهن جو وستار پورو ڪ
احوال پوءِ ڏبو. انسان جيتري هوشيار ٿيڻ جي ڪوشش
ڪندو، اوترو هوشيار ٿي سگهندو، مگر اُن لاءِ سندس
آتم شڪتي ۽ آتم وشواس زوردار هئڻ گهرجن.

انسان ذات هڪ عجيب سوال پڇيو ويو، ته سائنس جي
جو شاستر ۾ لکيل آهي، ته ڌرتي هڪ ٻلد جي سنگ
تي بيٺل آهي، سا ڳالهه ته انسان کي هڪ گهوڙو پيئي
لڳي. هيڏي ساري ڌرتي! جنهن تي هيڏا سارا پهاڙ!
جبل نديون، نالا، سمنڊ ۽ پربت، سي هڪ ٻلد جي
سنگ تي ڪيئن بيهي سگهندا! انهن تي اُنهن کي چيو
ويو، ته پاڻي جنهن اکر جي معني ٻيڻو ڇٽي وڃي ٿي،
انهن لفظ جي معني بوجو کڻندڙ پڻ آهي. هن ڌرتيءَ جو
بوجو سورج پنهنجي هزار ڪرڻن جي ڪشش سان
جهلي بيٺو آهي، تنهنڪري انهيءَ لفظ جي معني هتي
سورج، ٿيڻ گهرجي ۽ نه ٻيڻو ۽ سنگ. اهڙا ڪرڻا آهن.
ڌرتي سورج منڊل ۾ هڪ گرهه آهي جا ٻين گرهن
وانگر سج جي چوڌاري پيئي ڦري. سج جي ڪرڻن ۾
چقمقي ڪشش آهي، جا سڀني گرهن کي ڦرڻ ۾ مدد

ڪري ٿي ۽ انهن کي هيٺ ڪرڻ کان روڪي ٿي
آهي. سڀ گرهه هڪ ٻئي جي ڪشش ڪري پنهنجون
پنهنجون جايون ئي قائم رهي سگهن ٿا.

جيڪڏهن سج ۾ ڪو ٻيو (ٻيو) ذرڙو جو
اوجو جهلي ٻيل هجي ها، ته ان ٻئي جو چڪر ۽ مدار
ڪيترو نه ڦيري ها. اهو انسان کي ڪٿي ڏسڻ ۾
ڪونه ٿو اچي.

يورپ ۽ آمريڪا جا ڪيترا ڪتاب لکندڙ انهن
ٿا لکن، ته هي سنسار unsystematic يعني ڪنهن
رٿابندي نموني ۾ ٺهيل نه ٿو نظر اچي. ان ڪري ان جي
ٺاهڻ وارو ڪاريگر (ايشور) ڪوبه ڪونهي. جي هجي
ها، ته هي پهاڙ جي هيٺ مٿي، ڪٿي کوهن وارا، ڪٿي
چاڙهين وارا آهن، جن ۾ ڪي ٽڪر ڪٿي، ڪي ڪٿي
ٺهيل نه هجن ها، پر ڪنهن رٿابندي نموني ۾ ٺهيل هجن
ها. جڏهن ڪوبه ماڻهو پٿرن سان ترتيب وار ٺهيل
عمارتون ۽ حسن ۾ وڌندڙ محل ڏسي ٿو، تڏهن
سمجهي ٿو، ته انهي جي ٺاهڻ وارو ڪو ضرور آهي. اها
ڳالهه محسوس ڪن ٿا، ته ٻاني جهڙي طرح هٿئي هٿي
ٺهيل پٿرن، رڻن ۽ جن مان هي عاليشان عمارتون ٺهي
تيار ٿيون آهن، تن مان اها ثابتي ته ٿئي ٿي پڪ ملي
ٿي، ته انهن عمارتن جو ٺاهيندڙ ڪو ضرور هوندو: پٿر،
رڻتي، چن وغيره پاڻهي پاڻ گڏجي رس ڪري عاليشان

ڪالهه ها. انهيءَ مدرس جو قادر ڏنهن کي اسين چئون ٿا ايشور.

مهاڀارت جي لڙائيءَ بعد ٿوري بعد، ڀيشم پتامهه کان يڌشٽر کي سوال پڇيا هئا، جن ۾ ايشور جي هستيءَ جي ثابتيءَ جو به هڪ سوال هو. اهي سڀ سوال ڀيشم پتامهه کان، آئينده جي ماڻهن جي ڀلائيءَ کي خيال ۾ رکي پڇيا ويا هئا.

ڀيشم پتامهه- ايشور جي هستيءَ جون ٥٢ ثابتيون ڏيون ۽ دليلن سان اهـي ثابت ڪري ڏيکاريون. ايشور جي هستي سورج وانگر آهي. جهڙيءَ طرح سورج آهي تهڙيءَ طرح ايشور به آهي. افسوس رڳو اهو آهي، جو اڄ ڪلهه جي تعليم واسطو روپ ۾ ڏٺي ۾ نه ٿي اچي. اسانکي تعليم ڏيندڙ آهن انگريز. سنسارڪ پڙهائي وارا ۽ تعليم ڏيندڙ آهن روحاني ترقيءَ ڏانهن مائل ٿيڻ وارا، تنهنڪري اسين پارلي ٻنهين جي وچ لٽڪيل رام وانگر لٽڪي رهيا آهيون. ان ٻڌڻ لي ٻر ڏکندڙ ٿي، اسين ڌرماهه ۾ گهاٽي رهيا آهيون.

ڀاڳوس ۾ ڪالهوڪي آثارن لاءِ جيڪو ورثن ڪيل آهي، سو اڄ ڪلهه سڀو نڪرندو نظر چڙهي ٿو.

هرهڪ ڀدارٿ جي باري ۾ ڪارڻ ۽ ڪاريه ضرور حاضر آهي. ڪاريه، بنا ڪارڻ ڪونهي، ڪارڻ بنا ڪاريه ڪونهي. هيءَ زمين پاڻيءَ مان پيدا ٿي، پاڻي

اگنيءَ مان پيدا ٿيو، اگني هوا مان پيدا ٿي، هوا آڪاس مان، اهڙيءَ طرح انت وڃي ايشور تائين پهچندو. انهن ڪري سنسار جي پدارٿ واري جيڪا قدرتي شڪتي آهي، سو آهي ايشور ۽ هي جنهن سندس جزو آهي، جو مٽيءَ جي پتلي کي ناچ نچائي رهيو آهي. جيئن ڪن اُن:-

ماٽيءَ ڪا پتلا ناچ ڪرت هئي.

مذهب هڪ آهي. اُن مذهب جا جدا جدا روپ، جدا جدا ماڻهن، من گهڙت پيدا ڪري، هڪ غلطو مچائي ڏنو آهي. جهڙيءَ طرح پساريءَ کي جواهر جي ڪهڙي خبر؟ اهڙيءَ طرح ڪونه هيڏ ڳڙي لهي چوي ته آهه ته پساري! ته هو پساري ڪين ٿي ٿيو. اڄ ڪلهه پنهنجي پنهنجي هستي جمائي، نئون مذهب ڪڍي هڪ سڏ ڪم ٿي پيو آهي. پنجاب ۾ وري هڪ نئون مذهب اُٿيو آهي، جنهن ۾ نه هڪ، نه ٻه، نه ٽي پر ست پرميشور پيدا ڪيا ويا آهن.

جهڙيءَ طرح نار جي سنهي ڪنگرين ۾ پرجي اندر ٻاٽيءَ جي ڪرڻ جو هنڌ هڪڙو ساڳيو ٿي آهي، اهڙيءَ طرح ايشور کي ڏسڻ جي سنت پرشن جاتو آهي، ان جو آواز هڪ آهي. پر جيڪي الهيءَ منزل تي نه پهتا آهن، تن جو ٿي آواز جدا جدا آهي.

جيڪڏهن اسين پڪش پات جو چشمو اکين تان لاهي، هڪ نڪي نظر ڪنداسين، ته، مذهب هڪ،

ايشور هڪ ئي سمجهنداسين.

جهڙيءَ طرح جاڳرت ۽ سپن جي اوستائن ۾، هرهڪ انسان جا ڀنڀوا ڀنڀوا خيال ۽ سپنا ٿين ٿا، پر سکوپتي يعني گهري ننڊ ۾ سڀني کي ملندڙ آنند هڪ جهڙو آهي ۽ هرڪو چوندو ته موکي ڏاڍي آنند جي ننڊ هئي؛ اُن ننڊ ۾ انسان کي ڪابه ڪل ڪانه ٿي پوي، اهڙيءَ طرح ايشور جي ڀيٽ سان اهو آنند ملي ٿو، جنهن ۾ دنيا جي ڪابه وستو ياد نه ٿي پوي ۽ ايشور سان ملي هڪ ٿي وڃي ٿو.

هن دنيا ۾ جنهن جنهن قسم جا اٺو جنهن پدارٿ ۾ موجود آهن، اهڙو اهڙو اثر اُن تي پوي ٿو جهڙو ڪ:

سنهو - چنچل - پٿر.

انهن جا پاسا ميدان ۾ رکيل آهن. سج ته تنهن تي پوي ٿو؛ سج جي ڪرڻن ۾ ڪو تفاوت ڪونهي پر سج جو شيشي ۾ جهڪو لڳي پيدا ٿئي ٿو، سو چنچل ۾ نه ٿو ٿئي، وري جهڪو چنچل ۾ اثر پوي ٿو، سو پٿر ۾ نه ٿو ٿئي.

شيشو ٿيو ستوگڻ، چنچل ٿيو رجوگڻ ۽ پٿر ٿيو تموگڻي ماڻهو.

ستوگڻي ٿيڻ سان ايشور درشن يا آنند ملي ٿو، ۽ تمو ۽ رجوگڻي ٿيڻ سان دنيوي سک يا ڪوڙو سک ملي ٿو. آنند اندر مان اچي ٿو ۽ جٽاءُدار آهي. سک

ٻاهرين ٻڌارڻ مان ملي ٿو ۽ ناسونس آهي.

مهراج جن ٻن ڳالهين ڏانهن ڪاليج جي شاگردن جو خاص ڌيان ڇڪايو جهڙوڪ:-

(١) ڏيٺي اٿڻ جا ڪلاڪ ۽ ٿهر.

(٢) ماتا پتا جي شهوا مان هاندا.

## ڪاليج آف ڪامرس حيدرآباد سنڌ

٢٠ ڊسمبر ١٩٤٥

## اُپديش نمبر ٻارهون

اڄ ڪلهه جي ڦرندڙ گهرندڙ سنسار ۾، اسان هندن جي سڀيتا، سنسڪرتي آچار- وهار- ڌرم ۽ ڪرم ۾ ڦير گهير ٿيندي وڃي ٿي. ڪٿي ڪٿي ته اسان جي هندو سڀيتا ٻڌائڻ سنڌائڻ ٻڌران ٻرشٽ ٿي وئي آهي. هندو هندو ٻٽي ٿان ٻي مڪ ٿي، ان کي ماڳهين ٻلائي ويٺا آهن. انهيءَ ٻي مڪتا جو مکيه ڪارڻ آهي اڄوڪي تعليم. سچي تعليم اها جنهن مان ڌرم، ارٿ، ڪام ۽ موڪش اهي چارئي پدارٿ سڌ ٿين. جنهن وديا مان اهي چارئي پدارٿ سڌ نه ٿين، سا سُکيا نه چئبي، ٻر ڪسکيا چئبي.

## پرالبڌ ڪرم

''پرمپس. ٻهڌهن ڪرمن انوسار، سنسار ۾ جنم وٺي اچي ٿو. ٿهن ٿي ڏليا جو سک ڏک به سنڌس ڪرمن

اوسار ملي ٿو. مٿس ڪي جهڙي تعليم ملندي، اهڙا ئي سندس خيالات ٿيندي. سندس آس پاس جي حالتن ۾ لڳل لاڳاپن جو به مٿس گهڻو اثر پوي ٿو، جهڙن لاءِ اسان، اوهان اڳيان اڳئين ڏهه، ٻارهن، اندر پيدا ٿيل معصوم ٻارن جو مثال رکيو هو.

اڄ ڪلهه جي سڪولي ۽ ڪاليجي تعليم جو، ڌرم ۽ موکش سان ڪوبه لاڳاپو ڪونه، ته به رکيو وڃي ته باقي ارٿ ۽ ڪام سان ڪجهه قدر ان جو لاڳاپو رهي ٿو.

اڄ ڪلهه جي اعليٰ تعليم حاصل ڪرڻ بعد به، ڪيترن جو ڪام ۽ ارٿ پوري ريت سان سڌ نه ٿو لهي. ڪيترا نوجوان بيروزگاريءَ جو ٻڪ ٿي، نه رڳو پيٽ جهور ڪرم ڪٽي رهيا آهن، پر پٽيءَ همت ڪرڻ لاءِ ڪيترن ڪڪرمن ڪرڻ ۾ وارم ٿي ڪاهه، تا ڪن ۾ نه وري سڌن اندر ۾ ٿوري ۾ ڪڪرمن ڪرڻ ۾، ڪو کهڪاءُ ٿو اچي!!!

وڳهاني ۾ تعليم سان لاڳاپو رکندڙ جوابدار ماڻهو، اهڙن دکدائڪ حالتن کان واقف هوندي به، موجوده تعليم جي سرشتي کي مٽائڻ پرڏو ڌيئي، اهو هلائي رهيا آهن. اسين اوهان کي اهو نه ٿا چئون ته انگريزي تعليم حاصل نه ڪريو يا اڄ ڪلهه جي ملندڙ تعليم کان ٻهه ڪنارو ڪريو. اڄ ڪلهه جي تعليم زهر مثل آهي ۽ جيئن سکيو آهي ته تمام نقصانڪار زهر، پر جي ان کي

ماري ڪڍيائون، ۽ هر هڪ ماڻهوءَ کي به اڻ پڙهو ڪري وجهندو. اهڙيءَ طرح اڄ ڪلهه جي تعليم جا عام طور زهريلي تعليم سمجهي وڃي ٿي، انهن کي سنڌڪٽي وانگر جيڪڏهن سچي وهنوار ۽ واقفيت جي ڏونهڻ ۾ ماري، ان کي ڪارائتي نموني ڪتب آڻيو، ۽ نقصان پهچائڻ بدران سچو پورو فائدائڪ ۽ لاڀدائڪ ڪاندو رسائيندي.

جهڙيءَ طرح سنکيو ڪارائتن اوزارن ذوارن سگهدائڪ ثابت ٿئي ٿو، اهڙيءَ طرح اڄ ڪلهه جي تعليم ۽ وهنوار، واقفيت ۽ ڏورانديشيءَ جي ٻاهه مان لنگهي سگهدائي ثابت ٿيندي.

اڄ ڪلهه جي تعليم سان جيڪڏهن اخلاقي ۽ ڌارمڪ تعليم، ڪارائتي نموني ۾ سچي ڀاوَ سان ملائي ويندي، ته اسانجا من گهريا مطلب ضرور سڌ ٿيندا ۽ اسان جو لوڪ پرلوڪ ۽ سهوليت سان سڦلو ٿي سگهندو.

جهڙيءَ طرح اسان جو هي ٻاهريون استول شرير آهي، اهڙيءَ طرح واشنر جو به استول شرير آهي. جهڙيءَ طرح اسان جي استول شرير اندر اسان جو سوکشم شرير آهي، اهڙيءَ طرح واشنر جي استول شرير اندر به سوکشم شرير آهي. جهڙيءَ طرح اسان جو ڪارڻ شرير آهي، اهڙيءَ طرح واشنر جو به ڪارڻ شرير آهي.

اسين جڏهن ستول شرير کي پنهنجي قبضي ۾ آڻڻ جو خيال ڪندا آهيون، ته انهن اسين شسترن ذوارن اهو

ڪم ڪندا آهيون ۽ اسڪول شاگرد ڪئي ڀيرا ۾ آڻڻ ۾
ڪامياب ٿيندا آهيون. مگر منهنجي شاگرد يا سوڪيم شاگرد
ڪهڙي به زبردست ۽ زبردست شستر (هٿيار) سان
ڀيرا ۾ آڻي ڪين سگهيو. جي پڪي هوندي ملن،
۽ اُن ۾ اثر وجهڻ ٿيندو تڪر سان ٽڪرائڻ، جهڙن ۾
پاڻ پهنجي پاڻ کي جوڙي. من ان جيڪڏهن ڪا ڳالهه
اثر وجهي سگهي ٿي، ته اها آهي انسان جي تعليم.
منهنجي شاگرد هڪ زبردست توپ جي گولي جيو ڪم
ڏني ٿو. جهڙو آواز ٿيندو اهڙو ئي اثر ٿيندو. انسان
پاڙواسين کي جيڪا اڄ ڪلهه تعليم ملي رهي آهي،
انهن مان توپ جي گولي جيتان جيڪو زبردست آواز
نڪري ٿو، سو انسان جي گهرجن جي سخت برخلاف
آهي. مدش کي جهڙي تعليم ملندي، اهڙو اُن جي من
تي اثر ٿيندو. اڄ ڪلهه جي تعليم، اندر جي سوجهري
آڻڻ بدران اُلٽو اونده، انڌڪار ٿي آڻي. اُن تعليم ڏسو
ته مورليءَ کي ڪيترو نه ملڻ ڪري وڌو آهي.
ڪانگريس پارٽي هندو مسلم اتحاد لاءِ، هيتري، هيترن
سالن ڏان، هڙئي منتاڪت، هڙئي خود قربانيءَ سان،
جدا جدا نمونن ۾ ڪوشش پئي ورتي آهي، ته به اُن
۾ ڪامياب نه ٿي سگهيا آهن! انهن جو ڪارڻ اهو آهي،
جو هڪ طرف جي مورلي خود قربانيءَ سان ايڪي
آڻڻ جي آهي، ته ٻئي طرف جي مورلي خود غرضيءَ

۽ خود مطالعي سان ڀرپور آهي. انهيءَ مان معلوم ٿئي ٿو
جيترو تعليم يافته ٻارن ۾ زور ورتو آهي، اوترو گهٽ
پڙهيل يا اڻ پڙهيل ٻارن ۾ زور نه ورتو آهي. اهي
اگرا نتيجا اڄ ڪلهه جي تعليم مان ئي نڪري رهيا
آهن. تنهن ڪري اهو بلڪل ضروري آهي، ته تعليم
اهڙي هجڻ گهرجي جنهن مان ڌرم، ارٿ ڪام ۽ موکش
چارئي پدارٿ سڌ ٿين.

## تندرستيءَ جي نيمن جو پالن

تندرستيءَ جي نيمن جي پالن ڪرڻ سان، اسٿول شرير ته ٺيڪ رهندو، پر سوکشم شرير تي به سکدائي اثر پوندو.

نوٽ:- تندرستيءَ جي نيمن ۽ انهن جي پالن ڪرڻ جو وستار پوروڪ احوال، "سڦل جيون" ڪتاب ۾ ڏنل آهي. انهن تي پورن روپ سان عمل ڪبو ته بُدي سوکشم ٿيندي. جدا جدا ماڻهو ۽ سندن بُديءَ جا قسم:

١. اڻ پڙهيل ۽ عام انسان - اسٿول بُديءَ وارا ٿين.
٢. پڙهيا ماڻهو - سوکشم بُديءَ وارا ٿين.
٣. سائنسدان ۽ تتووتا - سوکشم تر بُديءَ وارا ٿين.
٤. گياني ۽ رشي مني - سوکشم تم بُديءَ وارا ٿين.

اولهه جي ماڻهن جو اڪلاس نواس پڌمڻي ڪلياڻ، سنڌاري، واڌاري ۽ بُديءَ کي سوکشم ۽ سوکشم تر ڪرڻ واسطي ٿئي.

رشي مني ۽ گياني جن، ٻڌيءَ کي سوکم تر ۽ سوکم تر ڪندي، پرمارٿ ۽ سنساري جيون جي اڌار لاءِ ڪو جتاءُ ڪن ٿا؛ ٻنهن جو پاڻ ۾ اُنهن کي نه حساب هو ۽ نه خيال هو.

## ٻڌيءَ کي سوکم ڪرڻ جا اُپاءَ

ٻڌيءَ کي سوکم ڪرڻ جا ست اُپاءَ آهن، جي هيٺ ڏجن ٿا:-

١. مغز کان اهڙو ڪم نه وٺجي، جنهن مٿي ۾ سور اچي پوي.

٢. سمهڻ کان اڳ، سڀ خيال ۽ چنتائون ڇڏي ننڊون ڪجن.

٣. هفتي ۾ هڪ ڏينهن ٽماٽن جو سوپ ضرور کائجي.

٤. روز صبح جو خواهه شام جو پراڻايام ڪجي.

٥. روز صبح جو ٥ منٽ لمبو ساهه کڻي ڇڏجي. پنهنجي بدن کي مڙدو سمجهجي، پنهنجي آتما کي اڄر ساکي ڀانئجي.

٦. گائتري منتر جو وڌيءَ سان گهٽ ۾ گهٽ ٥٠ دفعا جاپ ڪجي.

٧. سچ جي ڪمائيءَ وارو کاڌو کائجي.

مٿين ستن ئي اُپاوَن تي چڱيءَ طرح عمل ڪرڻ سان ٻڌي سوکم ۽ سوکم تر ٿيندي.

گياني ۽ رشي مني ٻڌميءَ ٻڌيءَ کي سوڪشم ڪر
ڪن ٿا، ٻڌمتي ڪري ئي اندر جو آنند ماڻين ٿا،
پر آتم ساکيات ڪار ڪرڻ ۾ تڪليف ڪانه ٿي ٿئين.

هي سارو سنسار ٽن ٽن پرڪارن جي پدارٿن مان
ٺهيو آهي. انسان ۵ ٽن ٽن تتن جو ٺهيل آهي، تنهن
ڪري اسان جا سڀاو به ٽن ٽن پرڪارن جا ٿيا آهن.
اسان جون ٻڌيون به ٽن ٽن پرڪارن جون ٿيون آهن.
اسان مان هرڪو انسان دنيا جو سک چاهي ٿو، مگر سچو
آنند ڪنهن ورلي کي نصيب ٿئي ٿو. اهو سچو آنند
ايشور کي ڄاڻڻ سان ملندو. اسين ٽن کي ڏسون ٿا.
ٽن جا ڀت ويچاريون ٿا! مگر ٻڌمتي اندر ۾ ڪڏهين
ليڪو پاتو اٿون اندر جهاتي پائڻ ۽ آتم ساکيات ڪرڻ جي
سچي ڪوشش ڪرڻ سان ايشور ملندو. درحقيقت
ايشور سورج جيتان آهي ۽ جيو ان جي ڪرڻي جيتان
آهي. جڏهين سوکشم ٻڌيءَ جو ٽنهي رجس سان
ابياس ڪبو، ته ٻڌي نرمل ٿيندي. اندر جي سوجهي
پوندي ۽ چت شانتي نصيب ٿيندي ۽ اسان جو اهو
پرلوڪ سڦلو ٿيندو.

اوم شانتي! شانتي!! شانتي!!!

Printed by Mr. R. H. Advani B. A.,
at the Standard Printing Works, Hyderabad Sind,
and Published by
Dewan Jagatrai Issardas Shivdasani at Hyd. Sind

"The feeling of heat and cold, pleasure and pain etc. are transitary and fleeting, Arjun, ignore them. Therefore a man should not rejoice when pleasures come to him. Pleasures always imbibe pain. Hence the wise think, the pleasure and pain both as equally obstacle in the realisation of God. Always try to overcome pain. A continuous successful practice of over-coming pleasure and pain, will lead to unshakebleness of the mind, in times of pleasure and pain. The heart will be purified, the mind will be enlightened. It will give you a real peace of mind. That embodiment of enlightenment will lead to ever happiness and the world will appear like a dream and you will be relieved from the agonies of Birth and Death."

Further, when we meet. I shall be glad to receive your reply to the following address:-

Swami Madhava Nand,
Ratanada Area,
Opposite the Second Infantry,
Jodhpur - (Rajputana).

Swami Madhava Nand.

*Swami Madhva Nand Ji's letter to a disciple, who and his family members are submitting to the challenge of all kinds of onslaughts of wordly troubles, with fortitude and forbearance with blessings and guidance of gurdeva.*

SIKAR, Dated May 27, 1946

Blessings,

Received your letter and learned the contents thereof.

You should remain absolutely unconcerned in the face of greatest sorrows and sufferings and these should be borne with fortitude and forbearance. In the Bhagwata Gita, when Arjun enquired from Lord Krishna-How God can be realised? In reply the Lord said:-

"The man who remains firm and unshaken as a rock, even when he is faced with the most terrible and unbearable ordeals, can realise God. The equanimity of such a man is not disturbed even in times of saddest bereavement, greatest ignominy, insult and reproach and all other causes of acute suffering and sorrow."

The contraries pleasure and pain like heat and cold are common in man's life. These should not be allowed to produce any unhealthy reaction on the mind. The heart becomes purified, if these are overcome. Lord Krishna exhorts, in the Bhagwata Gita:-

# يوگڪ ترڪال سنڌيا

هن سنڌيا ۽ امولڪ پستڪ جي سيوا هڪ نوجوان سنڌوڪي ڀاءُ، جنهن جي سنسڪرت ڏانهن ۽ سچي شرڌا ۽ پريم آهي، تنهن ڪئي آهي.

| | |
|---|---|
| (١) ٽن رنگا ڀلاڪ سوامي جن جا، جن ٽان هڪ هزار ڦوٽا ڇپايل | ١١٠-٠-٠ روپيا |
| (٢) ڇپائي ٻاهران ١٦ صفحا چندن پريس | ٢٤-٠-٠ |
| (٣) ڇپائي اندران ٢٤ صفحا ڀارت پريس | ٤٢-٠-٠ |
| (٤) ڇپائي ٻاهران چار صفحا، منجهه وارا | ٥-٠-٠ |
| (٥) ڇپائي ڪور جي | ٦-٠-٠ |
| (٦) پنو ڇپائيءَ جو | ٢٤-٠-٠ |
| (٧) جلد ٻڌائي | ٨-٠-٠ |
| (٨) ڪور جو پنو | ٧-٨-٠ |
| ڪل خرچ | ٢٢٦-٨-٠ روپيا |

نوٽ:- ترڪال سنڌيا جون ٥٠٠ ڪاپيون ڇپايل آهن، ان لاءِ ٥٠٠ رنگين ڦوٽا ڪم آندا ويا آهن.

باقي ٥٠٠ رنگين ڦوٽا آنند پرڪاش ڀاڳي ٻاهرين جي ٥٠٠ جلدن ۾ ڪم آندل آهن.

سيوا ۾

جڳت رام ايسرداس شوداڻي

# مـاڙوانـند پـشـپ مـالـهـا

## ست گوردیو سوامي ماڙوانند جي مهراج جن

## جي مهرجي ورڪا

١- پستڪ نمبر ١. اموليڪ اپديش
خرچ پريل مکي ٽانمارام جو
قيمت سڀ شرڌا

٢- پستڪ نمبر ٢. سڀ ڪسوٽي نيم پرچون
قيمت ست گورن ۾ شرڌا
چپايل- پشپ مالها پستڪ
فنڊ مان

٣- پستڪ نمبر ٣. سڄل جيون چپايل پستڪ
فنڊ مان قيمت ٦-٢-٠

٤- پستڪ نمبر ٤. پوڳڪ نرڪال سنڌ پا
قيمت ٠-٦-٠

١ شيوا ڪيل- ستگورن جي هڪ
شرڌالو سنڌ ورکي شش جي

٥- پستڪ نمبر ٥. آپد پشامبرت پاڳو (١)
شيوا ڪيل- ستگورن جي
پن شرڌالو ششن جي.

٦- پستڪ نمبر ٦. آپد پشامبرت پاڳو ٻيو
پريس ۾ ڏنل

نوٽ:- پشپ مالها پستڪ فنڊ ۾ آئرن جي ڏنل
پيسا مان هن وقت سيڪريٽري پاڻ ٽهلرام تلسيداس وٽ
امانت آهي ٦-٥-٦٦ روپيه.

شيوا ۾

جڳت رام ايسرداس شوداساڻي